جمهوري سوچ جي ترجمان
ABC Certified
Daily AWAMI SOACH Karachi
روزاني عوامي سوچ ڪراچي
چيف ايڊيٽر حاجي محمد حنيف ميمڻ
(جلد 15) سومر 15 سيپٽمبر 2025ع بمطابق 21 ربيع الاول 1447ھ (شمارو 335) قيمت 20 روپيا

پنجاب ۾ ٻوڏ جاري، شجاع آباد، رحيم يار خان، احمد پور شرقيه، راجن پور ۽ وهاڙي جا سوين ڳوٺ پاڻي هيٺ

پنجند بئراج تي چناب درياءَ ۾ تمام گهڻي سطح جي ٻوڏ آهي، جڏهن ته گڊو بئراج تي ايندڙ 24 کان 48 ڪلاڪن ۾ تمام گهڻي سطح جي ٻوڏ جي اڳڪٿي ڪئي وئي: وفاقي ٻوڏ ڪميشن

ملتان چناب درياءَ مان ٻوڏ جي صورتحال ڪي منهن ڏئي رهيو آهي، هيڊ محمد والا ۽ شير شاهه ۾ درجنين آباديون اڃا تائين گهري پاڻي ۾ ٻڏي ويون آهن

شجاع آباد ۽ جلال پور پيروالا ۾ لکين ماڻهو بي گهر آهن ان دوران، چاچڙان ۾ سوين گهر درياءَ ۾ ٻڏي ويا، هزارين ايڪڙ فصل تباهه ٿي ويا ۽ مواصلاتي رستا ٻڏي ويا

صادق آباد ۾ نبي شاهه جي هنڌ تي زميندار بند ٽٽي پيو، جنهن جي ڪري پاڻي آبادي ۾ داخل ٿي ويو ان کان علاوه، شجاع آباد ۾ ٻوڏ جي لهر تباهي مچائي رهي آهي، متاثرين جا مسئلا وڌي رهيا آهن

جلال پور پيروالا ۾ ٻوڏ جي صورتحال جاري آهي، شير شاهه ۾ ڪيترائي علائقا به پاڻي هيٺ اچي ويا آهن اوچ شريف جي دريائي علائقن ۾ ٻوڏ جي صورتحال آهي ۽ رات دير سان ٻڏي ويل آبادين ۾ بچاءُ جون ڪارروايون جاري آهن

راجن پور جي ڪچي واري علائقي ۾ ٻوڏ سبب هزارين ماڻهو پنهنجا گهر ڇڏڻ تي مجبور ٿي ويا آهن ان کان علاوه روجهان، بنگلا اچا، سونمياڻي ۽ ڪوٽ مٺڻ ۾ ڪچي وارا علائقا متاثر ٿيا آهن

لاهور (م ڊ) پنجاب ۾ ٻوڏ جي صورتحال جاري آهي، جنهن جي ڪري شجاع آباد، رحيم يار خان، احمد پور شرقيه، راجن پور ۽ وهاڙي جا سوين ڳوٺ پاڻي ۾ ٻڏي ويا. وفاقي ٻوڏ ڪميشن موجب، پنجند بئراج تي چناب درياءَ ۾ تمام گهڻي سطح جي ٻوڏ آهي، جڏهن ته گڊو بئراج تي ايندڙ 24 کان 48 ڪلاڪن ۾ تمام گهڻي سطح جي ٻوڏ جي اڳڪٿي ڪئي وئي آهي. ملتان چناب درياءَ مان /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 01

صورتحال ڪنٽرول ۾ آهي عوام جي جان، مال جي تحفظ کي هر صورت ۾ يقيني بڻايو ويندو: مراد علي شاهه

چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري چيو هو ته ماحولياتي ۽ زرعي ايمرجنسي لڳايو، وزيراعظم جا ٿورائتا آهيون ته هن ايمرجنسي جو اعلان ڪيو

تُوڙي بند ۽ ڪي ڪي بند گڊو بيراج جا ڪمزور هنڌ آهن. ٻوڏ صورتحال کي منهن ڏيڻ جي لاءِ انتظام مڪمل ڪري ورتا آهن. ڪشمور مان 30 هزار متاثرين کي ڪڍيو ويو آهي

ه گڊو بيراج جي گنجائش 11 لک ڪيوسڪ آهي هتان کان هينئر تائين پاڻي جي سطح ساڍا 5 لک ڪيوسڪ تائين آهي. اسان گڊو بيراج مان ڇهه ساڍا ڇهه لک تائين پاڻي گذاري سگهون ٿا

سمورن بندن جي حساس هنڌن تي مشينري موجود آهي. سکر بيراج تان ساڍا 6 کان 7 لک ڪيوسڪ پاڻي گذري رهيو آهي اميد آهي ته ڪاميابي سان اهو پاڻي سکر بيراج ۽ اڳيان به گذاري ونداسين

اسان جي پهرين ترجيح ماڻهن جون حياتيون بچائڻ آهي. الحمدالله اڄ تائين هيناهين علائقن ۾ ڪا به فوتگي نه ٿي آهي، هن وقت تائين اسان جون تياريون پوريون آهن

جام خان شورو ۽ انهي جي ٽيم ڏينهن رات ڪم ڪيو آهي. ڪابينه جا وزير، اسيمبلي ميمبر ۽ انتظاميه کي شاباش ڏيان ٿو

ڪشمور (رپورٽر) سنڌ جي وڏي وزير سيد مراد علي شاهه چيو ته موسمياتي ۽ زرعي ايمرجنسي لڳائڻ تي وزيراعظم جو ٿورائتو آهيان، وزيراعظم جو ٿورو ادا ڪريون ٿا ته هن ايمرجنسي جو اعلان ڪيو حڪومت جلد گڏيل قومن کان امداد جي اپيل ڪري. ڪشمور ۾ سنڌو درياءَ جي دوري دوران صحافين سان ڳالهيون ڪندي سنڌ جي وڏي وزير چيو ته چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري چيو هو /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 14

سکر: وزيراعلى سنڌ مراد علي شاهه صوبائي وزير سان گڏ ميڊيا سان ڳالهائي رهيو آهي

صدر آصف علي زرداري جسٽس ظفر احمد راجپوت کي سنڌ هاءِ ڪورٽ جو وقتي چيف جسٽس مقرر ڪري ڇڏيو

سنڌ هاءِ ڪورٽ جي وقتي چيف جسٽس جي مقرري جو اطلاق عهدي جي حلف کڻڻ جي تاريخ کان ٿيندو

جوڊيشنل ڪميشن آف پاڪستان طرفان مستقل چيف جسٽس جي مقرري تائين ظفر احمد راجپوت سنڌ هاءِ ڪورٽ جي وقتي چيف جسٽس جي عهدي تي مقرر رهندو

جسٽس ظفر راجپوت 1990 ۾ سنڌ بار ڪونسل مان بطور وڪيل رجسٽرڊ ٿيو ۽ 20021 ۾ هاءِ ڪورٽ جو وڪيل بڻيو

اسلام آباد (بيورو) صدر آصف علي زرداري جسٽس ظفر احمد راجپوت کي سنڌ هاءِ ڪورٽ جو وقتي چيف جسٽس مقرر ڪري ڇڏيو آهي. صدر جي منظوري کان پوءِ قانون ۽ انصاف واري وزارت نوٽيفڪيشن به جاري ڪري ڇڏيو آهي. جاري /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 15

جسٽس ظفر احمد راجپوت

شهرين کي پيئڻ لائق پاڻي جي ڪوٽ جو جلد کان جلد خاتمو آڻي سگهجي: واٽر ڪارپوريشن

جيئن شهرين کي پيئڻ لائق پاڻي جي ڪوٽ جو جلد کان جلد خاتمو آڻي سگهجي

متاثر علائقن تائين وقت سر پاڻي جي فراهمي ممڪن بڻائي سگهجي

ڪراچي (رپورٽر) واٽر ڪارپوريشن جي ترجمان چيو آهي ته متاثر ٿيل حب ڪينال جي حصي جو مرمتي ڪم صرف 72 ڪلاڪن جي ٿوري مدي ۾ ڪاميابي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 16

ٻوڏ متاثر علائقن ۾ آگسٽ جا بجلي بل معاف، لغاري تصديق ڪري ڇڏي

توانائي واري وزارت ادا ڪيل بلن جي رقم واپس ڪرڻ جو به اعلان ڪري ڇڏيو

وزيراعظم شهباز شريف جي وقت تي ۽ عوام دوست فيصلي تي ٿورائتا آهيون

لاهور (م ڊ) حڪومت ٻوڏ متاثر علائقن جي بجلي جا بل معاف ڪري ڇڏيا، جڏهن ته توانائي واري وزارت ادا ڪيل بلن جي رقم واپس ڪرڻ جو به اعلان ڪري ڇڏيو آهي. رپورٽ موجب وفاقي وزير پاور ڊويزن سردار اويس احمد خان لغاري ٻوڏ متاثر /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 17

آءِ ايم ايف ٻوڏ سبب پيدا ٿيل سنگين صورتحال کي سمجهي ورتو آهي: محمد اورنگزيب

فنانسرن کان پهريان اسان پنهنجا وسيلا استعمال ڪري رهيا آهيون ۽ سموري دنيا ڏسي رهي آهي ته پاڪستاني عوام ڪهڙي مشڪل صورتحال مان گذري رهي آهي

ٻوڏ سبب روڊ، پل ۽ ماڻهن جي گهرن سميت بيون ملڪيتون تباهه ٿي ويون آهن، انهي لاءِ آفت سٽيل عوام کي هن وقت بجلي جا بل اماڻڻ مناسب نه آهي

رب پاڪ جو شڪر آهي ته ٽوبه ٽيڪ سنگهه ۾ جاني نقصان تمام گهٽ ٿيو، الله ڪري پاڻي جلد لهي ته جيئن ايندڙ فصل پوکي سگهجي

ٽوبه ٽيڪ سنگهه (م ڊ) ناڻي واري وزير محمد اورنگزيب چيو آهي ته اسان پهريان ئي آءِ ايم ايف جي پروگرام ۾ شامل آهيون. آءِ ايم ايف ٻوڏ سبب پيدا ٿيل سنگين صورتحال کي سمجهي ورتو آهي. ٻوڏ سبب متاثر علائقي ٽوبه ٽيڪ سنگهه جي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 19

جمهوريت عوام جي طاقت ۽ ملڪ جي روشن مستقبل جي ضمانت آهي: اياز صادق

جمهوريت عوام جي طاقت، اجتماعي دانش، قومي ترقي ۽ خوشحالي جي ضامن آهي

صحافين جي قربانين جي ياد ڏياري ته جمهوريت جي بحالي ۽ بقاءَ لاءِ جدوجهد ڪئي

اسلام آباد (بيورو) قومي اسيمبلي جي اسپيڪر سردار اياز صادق جمهوريت جي عالمي ڏينهن جي موقعي تي پاڪستان جي جمهوري عزم، پارلياماني /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 18

سکر: وزيراعلى سنڌ مراد علي شاهه کي بندن جي صورتحال ۽ پاڻي بابت بريفنگ ڏني پئي وڃي

مني لانڊرنگ اسڪينڊل: ملڪ رياض ۽ علي رياض کي اشتهاري قرار ڏيڻ جي ڪارروائي شروع

عدالت ٻن لفظن ۾ اعلان ڪيو ته جيڪڏهن ٻئي جوابدار 13 آڪٽوبر 2025 تي عدالت جي آڏو پيش نه ٿيا

ٻڌڻي دوران ڪيس نمبر 25/58 ۾ جوابدارن عطاالحسن ۽ سجاد حيدر عدالت ۾ پيش ٿيا ۽ نقل ورهايون ويون

ڪيس نمبر 25/59 ۾ جوابدارن عطاالاحسن ۽ محمد عمران عدالت ۾ موجود رهيا جن کي نقل فراهم ڪئي وئي

اسلام آباد (بيورو) ايف آءِ اي عدالت بحريه ٽائون جي سربراهه ملڪ رياض ۽ ان جي پٽ علي رياض جي خلاف سخت قانوني ڪارروائي شروع ڪندي انهن کي اشتهاري قرار ڏيڻ جي باقاعده ڪارروائي شروع ڪري ڏني آهي. بحريه ٽائون خلاف مني /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 20

ڪراچي ۾ شادي جي ڏينهن گهر کان سيلون ويندڙ گهوٽ گم ڪيس داخل

ڪراچي (رپورٽر) ڪراچي جي علائقي ڪورنگي ۾ شادي واري ڏينهن گهر مان تياري ٿيڻ لاءِ سيلون ويندڙ گهوٽ گم ٿي ويو نوجوان جهانزيب جي گم ٿيڻ جو ڪيس داخل ڪيو ويو آهي ذريعن موجب ڪورنگي جي علائقي مدينه ڪالوني /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 21

ٽوبا ٽيڪ سنگهه: ناڻي وارو وفاقي وزير محمد اورنگزيب ميڊيا سان ڳالهائيندي

پاڪستان ۾ ٻوڏ سبب ٿيل نقصان جو جائزو ورتو پيو وڃي: آءِ ايم ايف

آءِ ايم ايف پاڪستان ۾ برسات ۽ ٻوڏ سبب ٿيل تباهي تي پاڪستاني عوام سان تعزيت جو اظهار ڪيو

پاڪستان ۾ ساڻوڻي برسات ۽ ٻوڏ سبب ٿيل نقصان جو جائزو ورتو پيو وڃي، ٻوڏ جي نقصان جي صورتحال مسلسل تبديل ٿي رهي آهي: آءِ ايم ايف نمائندو

اي ايف ايف ۽ آر ايس ايف سهولتون بيروني ۽ مالي استحڪام کي يقيني بڻائڻ جي لاءِ استعمال ٿينديون آهن

اسلام آباد: (بيورو رپورٽ) عالمي مالياتي فنڊ (آءِ ايم ايف) پاڪستان ۾ ٻوڏ سبب فوتگين تي ڏک جو اظهار ڪيو آهي. آءِ ايم ايف پاڪستان ۾ برسات ۽ ٻوڏ سبب ٿيل تباهي تي پاڪستاني عوام سان تعزيت جو اظهار ڪيو ۽ ايم ايف/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 24

پرڏيهي وزير سينيٽر محمد اسحاق ڊار جي پنهنجي مصر جي هم منصب سان ملاقات

ٻنهي اڳواڻن قطر ۽ ٻين مسلمان ملڪن تي اسرائيلي غير قانوني حملن کي سنڌن ملڪن جي خودمختياري ۽ عالمي قانون جي سراسري ڀڃڪڙي قرار ڏنو

دوحا (م ڊ) نائب وزيراعظم ۽ پرڏيهي وزير سينيٽر محمد اسحاق ڊار دوحا ۾ عرب - اسلامي سربراهي هنگامي اجلاس جي تيارين جي سلسلي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 25

اسٽيوٽا جو نابالغ قيدين لاءِ وڏو قدم، جديد هنر سيکارڻ جو منصوبو شروع

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ ٽيڪنيڪل ايجوڪيشن اينڊ ووڪيشنل ٽريننگ اٿارٽي (اسٽيوٽا) طرفان نابالغ قيدين /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 26

ميئر ڪراچي بئرسٽر مرتضيٰ وهاب سي اي او واٽر ڪارپوريشن سان گڏ شهر جو دورو ڪيو

اولڊ سٽي ايريا، برتن گلي، کجور بازار، جوڙيا بازار، نيپئر روڊ ۽ شاهين ڪمپليڪس سميت مختلف هنڌن جو تفصيلي دورو ڪيو ويو

دوري دوران ميئر ڪراچي مقامي رهاڪن ۽ دڪاندارن سان ملاقاتون ڪري انهن جا مسئلا ۽ شڪايتون ٻڌيون ۽ لاڳاپيل عملدارن کي حل ڪرڻ جي هدايت ڪئي

برساتن کانپوءِ واري صورتحال ۽ عوامي مسئلن کي پاڻ مانيٽر ڪري رهيو آهيان، سمورا منصوبا جلد مڪمل ڪيا ويندا

ڪراچي (پ ر) ميئر ڪراچي بئرسٽر مرتضيٰ وهاب سي اي او واٽر ڪارپوريشن احمد علي صديقي سان گڏ جي اولڊ سٽي ايريا، برتن گلي، کجور بازار، جوڙيا بازار، نيپئر روڊ ۽ شاهين ڪمپليڪس سميت مختلف هنڌن جو تفصيلي دورو/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 27

اپوزيشن جي ريڪوزيشن تي پنجاب اسيمبلي جو اجلاس اڄ طلب، اپوزيشن پاڻ کي نئين آزمائش ۾ مبتلا ڪري ڇڏيو

لاهور (م ڊ) اپوزيشن جي ريڪوزيشن تي سپيڪر پنجاب اسيمبلي جو اجلاس طلب ڪيو ويو آهي جڏهن ته اپوزيشن پاڻ کي ڪي نئين آزمائش ۾ مبتلا ڪري ڇڏيو ۽ اپوزيشن جي ريڪوزيشن تي گهرايل اجلاس ۾ ڪورم پورو ڪرڻ انهي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 28

ڪراچي: ميئر ڪراچي مرتضيٰ وهاب شهر جي دوري دوران شهرين سان ڳالهائي رهيو آهي

ڪراچي ۾ تيز رفتار گاڏي جي 2 موٽر سائيڪلن کي ٽڪر، 3 ڄڻا فوت، هڪ زخمي

حادثي ۾ موٽر سائيڪلن تي سوار 3 ڄڻا ڏڏي تي فوت ٿي ويا هڪ شخص زخمي ٿي پيو

پوليس موقعي تي پهچي واقعي جي وڌيڪ جاچ شروع ڪري ڇڏي آهي

زخمي ٿيل شهرين کي ريسڪيو جي مدد سان اسپتال منتقل ڪيو ويو آهي جتي انهن کي طبي امداد ڏني پئي وڃي

ڪراچي (رپورٽر) ڪراچي ۾ سپر هاءِ وي تي خوفناڪ روڊ حادثي ۾ 3 ڄڻا فوت جڏهن ته هڪ شهري زخمي ٿي پيو رپورٽ موجب سپر هاءِ وي تي گڏاپ جي ڀرسان تيز رفتار گاڏي ڊرائيور جي ڪنٽرول مان نڪري 2 موٽر سائيڪلن سان ٽڪرائجي/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 31

چنگدو: صدر آصف علي زرداري بلاول ڀٽو آصف ڀٽو چيني ڪمپني جو دورو ڪندي

پاڪستان پيپلزپارٽي جو چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري ۽ آصف ڀٽو زرداري شنگهائي پهچي ويا

اسلام آباد (بيورو) پاڪستان پيپلزپارٽي جو چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري ۽ پاڪستان جي خاتون اول آصف ڀٽو زرداري شنگهائي پهچي ويا آهن. ايوان صدر جي پريس ونگ مان جاري بيان موجب شنگهائي ايئرپورٽ تي خاتون اول ۽ بلاول ڀٽو /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 02

صدر آصف زرداري پاران چين جي ايوي ايشن انڊسٽري ڪارپوريشن جي ايئر ڪرافٽ ڪامپليڪس جو دورو

صدر مملڪت هٿياربند فوج جي سپريم ڪمانڊر جي حيثيت سان ڪامپليڪس پهتو ۽ مختلف شعبن جو معائنو ڪيو

جي ايف 17 ۽ جي 20 - اسٽيلٿ فائٽرز سان گڏو گڏ ڊرونز، خودڪار يونٽس ۽ ملٽي ڊومين آپريشنز بابت بريفنگ ڏني وئي

بيجنگ (بيورو) صدر آصف علي زرداري چين جي ايوي ايشن انڊسٽري ڪارپوريشن (اي وي آءِ سي) /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 03

ٻوڏ سبب نقصان جو جائزو وٺڻ لاءِ آدمشماري ۽ زراعت شماري جو ڊيٽا استعمال ڪرڻ جو فيصلو

وفاقي وزير منصوبه بندي احسن اقبال شماري کاتي کي ملڪ ۾ ٻوڏ سبب ٿيل نقصان جو اندازو لڳائڻ جون هدايتون جاري ڪري ڇڏيون آهن

حتمي نقصانن جو اندازو لڳائڻ جي لاءِ آدمشماري ۽ زراعت شماري جو ڊيٽا استعمال ڪرڻ جو فيصلو ڪيو ويو آهي

زراعت شماري کان حاصل ڪيل ڊيٽا مان فصلن ۽ لائيو اسٽاڪ جي نقصانن جو تجزيو ڪيو ويندو: ذريعا

اسلام آباد (بيورو) حڪومت ٻوڏ سبب ٿيل نقصانن جو جائزو وٺڻ لاءِ آدمشماري ۽ زراعت شماري جو ڊيٽا استعمال ڪرڻ جو فيصلو ڪري ورتو آهي. ذريعن ٻڌايو آهي ته وفاقي وزير منصوبه بندي احسن اقبال شماري کاتي کي ملڪ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 04

گڊو بيراج تي مٿانهين ۽ سکر بيراج تي وچولي ٻوڏ جاري آهي: شرجيل انعام ميمڻ

عوام جي جان، مال جي تحفظ لاءِ ريسڪيو، رليف ۽ بحالي جي سرگرمين ۾ مڪمل طور تي مصروف آهي

پنجند ۾ مٿانهين درجي جي ٻوڏ آهي جتي هاڻ اسٽريم ۽ ڊائون اسٽريم جو وهڪرو 402.919 ڪيوسڪ رڪارڊ ڪيو ويو آهي

گڊو بيراج تي اپ اسٽريم جو وهڪرو 612.269 ڪيوسڪ ۽ ڊائون اسٽريم جو وهڪرو 582.942 ڪيوسڪ رڪارڊ ڪيو ويو آهي

ڪراچي: (رپورٽر) سنڌ جي سينئر وزير شرجيل انعام ميمڻ چيو آهي ته گڊو بيراج تي مٿانهين ۽ سکر بيراج تي وچولي ٻوڏ جاري آهي. صوبائي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 05


لاهور: صوبائي وزير اطلاعات عظمى بخاري اجلاس جي صدارت ڪندي

گورنر هائوس ڪراچي ۾ عورتن لاءِ هڪ روحاني محفل منعقد ڪئي وئي

ڪراچي (رپورٽر) گورنر سنڌ ڪامران خان ٽيسوري جي خاص هدايتن تي عيد ميلاد النبي صلي الله عليه وسلم جي جشن جي 18 ڏينهن تي به گورنر /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 06

قطر تي حملي باوجود اسرائيل سان لاڳاپا متاثر نه ٿيندا: آمريڪا

قطر تي اسرائيلي حملي تي صدر ٽرمپ ڪاوڙيل آهي پر ان باوجود آمريڪا ۽ اسرائيل جا لاڳاپا متاثر نه ٿيندا، لاڳاپا مضبوط آهن ۽ رهندا

ڪيترائي ملڪ قطر ۾ پيش آيل واقعي تي ڪاوڙيل آهن، صدر ٽرمپ يرغمالين جي آزادي ۽ تڪرار جي خاتمي جو خواهشمند آهي ته جيئن اڳتي وڌي سگهجي

قطر تي حملي جي اثرن بابت اسرائيلي وزيراعظم سان ڳالهائيندس، جڏهن ته فلسطيني رياست کي تسليم ڪندڙ ملڪن کي اڳ ئي خبردار ڪيو هو

واشنگٽن (م ڊ) آمريڪي پرڏيهي وزير مارڪو روبيو چيو آهي ته قطر تي اسرائيلي حملي تي صدر ٽرمپ ڪاوڙيل آهي پر ان باوجود آمريڪا ۽ اسرائيل /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 07

آمريڪي پرڏيهي وزير

گورنر سنڌ ڪامران خان ٽيسوري چين جي صنعتي شهر شوزو پهتو

ميئر پاڪستاني سفارتڪارن ۽ سندس ٽيم ريلوي اسٽيشن تي سندس گرمجوشي سان استقبال

پاڪستان ۽ چين جي دوستي کي پليڪار بينرن ذريعي خراج تحسين پيش ڪيو ويو

ڪراچي (رپورٽر) گورنر سنڌ ڪامران خان ٽيسوري چين جي صنعتي شهر شوزو پهتو ۽ Xuzhou جي ميئر پاڪستاني سفارتڪارن ۽ سندس /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 08

سيڪيورٽي فورسز پاران ڪامياب آپريشن، ڀارتي حمايت يافته 10 دهشتگرد جهنم پهتا، 7 جوان شهيد

ڀارتي حمايت يافته دهشتگردن جي موجودگي جي اطلاع تي آپريشن

دهشتگردن جي ٺڪاڻن کي موثر طريقي سان نشانو بڻايو جنهن جي نتيجي ۾ 10 دهشتگرد مارجي ويا

راولپنڊي (م ڊ) سيڪيورٽي فورسز ڳجهي اطلاع جي بنياد تي خيبرپختونخوا جي علائقي لوئر دير ۾ فتنه الهندستان جي دهشتگردن خلاف آپريشن /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 22

اسرائيلي فوج جا غزه تي حملا تيز، 50 کان وڌيڪ فلسطيني شهيد

بڪايل، اجايل ۽ خوفزده فلسطينين کي پنهنجي جان بچائڻ لاءِ ڀڄڻ جي خبردار ڪندڙ پمفلٽ اڇلايا

غزه ۾ اسرائيلي جهازن هر 10 کان 15 منٽن تي بي گهر فلسطينين لاءِ پناهه گاهه کي نشانو بڻايو

جنهن جي ڪري گهڻا ماڻهو محفوظ هنڌ منتقل ٿيڻ لاءِ وقت کان محروم ٿي ويا

غزه (م ڊ) اسرائيل غزه تي پنهنجا حملا تيز ڪري ڇڏيا آهن، اسرائيلي هوائي فوج اتر غزه ۾ رهائشي عمارتن تي بمباري ڪئي، جنهن ۾ گهٽ ۾ گهٽ 50 کان وڌيڪ فلسطيني مارجي ويا. اسرائيلي فوج چنچر ڏينهن غزه ۾ پنهنجا حملا جاري رکيا. بڪايل، اجايل ۽ خوفزده فلسطينين کي پنهنجي جان بچائڻ لاءِ ڀڄڻ جي خبردار ڪندڙ پمفلٽ اڇلايا. الجزيره جي مطابق، غزه /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 09

درياءُن ۽ آبي ذخيرن ۾ پاڻي جي آمد ۽ ڇوڙ جي صورتحال

ڪابل درياهه ۾ نوشهره وٽ پاڻي جو مٿانهون وهڪرو 19 هزار 600 ڪيوسڪ

خيرآباد پل تي پاڻي جو مٿانهون وهڪرو هڪ لک 31 هزار 600 ڪيوسڪ

اسلام آباد (بيورو) واپڊا ملڪي درياءُن ۽ آبي ذخيرن ۾ پاڻي جي آمد ۽ ڇوڙ جا انگ اکر جاري ڪيا آهن. جاري ڪيل انگن اکرن مطابق سنڌو درياهه ۾ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 23

نارووال: وفاقي وزير احسن اقبال سيلاب متاثرين جي گهرن جي تعميراتي ڪمن جو جائزو وٺي رهيو آهي

ن ليگ قيادت خواجا آصف ۽ حنيف عباسي وچ ۾ سيز فائر ڪرائي ڇڏيو

وفاقي وزيرن حنيف عباسي ۽ خواجه محمد آصف جي وچ ۾ جنگ بندي ٿي وئي

ريلوي وزير حنيف عباسي گذريل هفتي قومي اسيمبلي ۾ دفاع واري وزير خواجه محمد آصف تي سخت تنقيد ڪئي هئي

اسلام آباد (بيورو) پاڪستان مسلم ليگ نواز (پي ايم ايل-اين) جي قيادت خواجه محمد آصف ۽ حنيف /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 10

ڪراچي جي ڊپٽي ميئر سلمان عبدالله مراد گورنمينٽ وٽرنري اسپتال ملير جو دورو

رين ايمرجنسي دوران چوپائي مال کي بيمارين کان بچاءَ لاءِ ڪنيل قدمن بابت جائزو ورتو

اسان جي ڪوشش آهي ته برسات ۾ عام ماڻهن کي نقصان کان بچايو وڃي: سلمان عبدالله مراد

چوپايو مال توڙي پولٽري کي پڻ نقصان کان بچائڻ لاءِ لائيو اسٽاڪ کاتي طرفان جيڪي قدم کنيا ويا آهن

ڪراچي (رپورٽر) ڪراچي جي ڊپٽي ميئر سلمان عبدالله مراد گورنمينٽ وٽرنري اسپتال ملير جو دورو ڪري رين ايمرجنسي دوران چوپائي مال کي بيمارين کان بچاءَ لاءِ ڪنيل قدمن بابت جائزو ورتو. ان موقعي تي سائٽ مقامي پارٽي اڳواڻ رفيق /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 11

ڪراچي: ڊپٽي ميئر سلمان مراد پاران وٽرنري اسپتال ملير جو دورو ڪندي

صدر آصف علي زرداري پاران چين جي شهر چينگڊو کان ميانيانگ تائين هاءِ اسپيڊ ٽرين ذريعي سفر

ميانيانگ (م ڊ) صدر آصف علي زرداري چين جي شهر چينگڊو کان ميانيانگ تائين هاءِ اسپيڊ ٽرين ذريعي سفر ڪيو جيڪو اٽڪل اڌ ڪلاڪ ۾ مڪمل ٿيو سفر دوران صدر کي ٽرين جي نظام، سروسز، حفاظتي قدمن ۽ ماحولياتي فائدن جي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 12

پاڪستان جي استحڪام خلاف پرڏيهي قوتن کي بدترين شڪست ڏني ويندي: خواجه آصف

ڪنهن به اندروني ۽ پرڏيهي ملڪي ڪوشش کي سختي سان منهن ڏنو ويندو

پي ٽي آءِ جو پرڏيهي طاقتن سان الحاق انهن جي شڪست جو سبب بڻجندو

اسلام آباد (بيورو) بچاءَ بابت وفاقي وزير خواجه محمد آصف خبردار ڪيو آهي، ته ملڪ جي امن ۽ خودمختياري کي غير مستحڪم ڪرڻ وارين ڪنهن به /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 29

پاڪستان جي تاريخ ۾ پهريون پيرو ٽريڊ ڊسپيوٽ ريزوليوشن ڪميشن فعال

پاڪستان جي تاريخ ۾ پهريون پيرو ٽريڊ ڊسپيوٽ ريزوليوشن ڪميشن کي فعال ڪيو ويو

ڪميشن جي قيام ۽ فعال هئڻ جو ڪريڊٽ جام ڪمال خان جي ويزنري قيادت ڏانهن وڃي ٿو

اسلام آباد (بيورو) پاڪستان جي تاريخ ۾ پهريون پيرو واپار بابت تڪرارن جي حل لاءِ ڪميشن (ٽريڊ ڊسپيوٽ ريزوليوشن ڪميشن) کي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 30

تهران: وفاقي وزير جام ڪمال خان تقريب ۾ شريڪ آهي

سنڌو درياءَ ۾ گڊو، سکر ۽ ڪوٽڙي بيراج تي پاڻي جي آمد ۾ اضافو جاري

گڊو بيراج تي مٿانهين درجي جي ٻوڏ آهي، پاڻي جو وهڪرو وڌي 5 لک 61 هزار ڪيوسڪ ٿي ويو: فلڊ فورڪاسٽنگ ڊويزن لاهور

سکر بيراج تي وچولي درجي جي ٻوڏ آهي، پاڻي جي آمد 4 لک 80 هزار ڪيوسڪ ٿي وئي جڏهن ته ڪوٽڙي بيراج تي هيٺاهين درجي جي ٻوڏ آهي

سنڌو درياءَ ۾ ڪوٽ مٺڻ، راجن پور، چاچڙان شريف تي پاڻي جي آمد ۾ معمولي گهٽتائي آئي ۽ سطح 11.5 فٽ تي اچي وئي

سکر (رپورٽر) سنڌو درياءَ ۾ گڊو، سکر ۽ ڪوٽڙي بيراج تي پاڻي جي آمد ۾ اضافي جو سلسلو جاري آهي. فلڊ فور ڪاسٽنگ ڊويزن لاهور موجب گڊو بيراج تي مٿانهين درجي جي ٻوڏ آهي، پاڻي جو وهڪرو وڌي 5 لک 61 هزار ڪيوسڪ/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 13

عوامي سوچ
AWAMI SOCH
Daily KARACHI
جمهوري سوچ جي ترجمان

چيف ايگزيڪيوٽو
سيد شفقت حسين شاهه

هيءَ اخبار پبلشر محمد حنيف ميمڻ قيوم پرنٽنگ پريس آءِ آءِ چندريگر روڊ ڪراچي مان ڇپرائي آفيس ٽريڊ ٽاور روم نمبر 825 مان پڌري ڪئي

چيف ايڊيٽر حاجي حنيف ميمڻ

رابطي لاءِ:
03153327758

ڏنءُ ڏنءُ ڏمڻ وار، اڄ پڻ آڳڙين جي؛
ٻاري مچ مَجاز جو، اوتيائون اڳارَ؛
ڏُوڏا! تِيُ مَ ڏارَ، جِمَ ڪَچو رُڪُ ڪٽيُون ٿئي.

سومر 15 سيپٽمبر 2025ع

ملڪ کي تجربي گاهه بڻائي ان جا بنياد کوکلا نہ ڪيا وڃن

[illegible]

خيبرپختونخواهه ۾ اڳ ۾ ئي وفاقي پاليسين خلاف بيچيني موجود آهي، جيڪڏهن هاڻي سنڌن اختيارن ۾ گهٽتائي آندي وئي تہ نتيجا وڌيڪ خطرناڪ ٿي سگهن ٿا. مبصرن جو چوڻ آهي تہ اهو سڀ ون يونٽ جهڙي صورتحال ڏانهن واپسي هوندي، جنهن جو تجربو اڳي ئي ناڪام ٿي چڪو آهي ۽ جنهن ملڪ کي بہ ٽڪريون ڪري ڇڏيو هو.

ٻئي طرف جيڪي نڪتا سامهون اچي رهيا آهن، جيئن آرمي چيف جو عهدو ختم ڪري ٽنهي فوجن جو ڪمانڊر ان چيف مقرر ڪرڻ، ججن جي رٽائرمينٽ جي عمر وڌائڻ، آئيني عدالت قائم ڪرڻ ۽ فاٽا جي 2018ع واري انضمام کي ختم ڪرڻ، اهي سڀ بحث جوڳا موضوع آهن. پر سوال اهو آهي تہ ڇا ملڪ اهڙي وڏي آئيني جراحيءَ جي حالت ۾ آهي؟ ڇا اسان کي ضرورت آهي تہ هر ڪجهه سالن کان پوءِ آئين کي هٿ وجهجي ۽ ان کي تجربي لاءِ استعمال ڪجي؟ ملڪ کي آئيني استحڪام جي ضرورت آهي، نہ ڪي نئين آزمائشن جي. جيڪڏهن هر حڪومت يا هر طاقتور در پنهنجي مرضيءَ مطابق آئين ۾ ترميم ڪندي رهندي تہ پوءِ آئين پنهنجي تقدس ۽ اعتبار وڃائي ويهندو.

نون صوبن جو بحث بہ ساڳي طرح حساس آهي. ڪيترائي ماڻهو چون ٿا تہ نون صوبن سان انتظامي سهولتون وڌنديون، وسيلن تائين ماڻهن جي رسائي آسان ٿيندي ۽ علائقائي توازن پيدا ٿيندو. پر ان سوال جو جواب بہ ڏسڻو پوندو تہ ڇا موجوده صوبن کي انهن جي آئين ۾ ڏنل مڪمل اختيار مليا آهن؟ ڇا وسيلن جي ورهاست ۾ انصاف ڪيو ويو آهي؟ ڇا مڪاني حڪومتن جو نظام مؤثر بڻايو ويو آهي؟ جيستائين موجوده نظام کي هلائڻ ۾ سنجيدگي نہ ڏيکاري ويندي، تيستائين نوان صوبا ٺاهڻ عوام جي مسئلن جو حل نہ بڻبو. حقيقت اها آهي تہ اهڙي عمل جي پويان گهڻو ڪري طاقت جي ورهاست، وسيلن تي قبضي ۽ قومي تحريڪن کي ڪمزور ڪرڻ جا مقصد هوندا آهن. سنڌ ۾ بہ نئين صوبي جو نعرو وقت بوقت ڪنيو ويندو آهي، جنهن جو مقصد قومي وحدت کي ٽوڙڻ ۽ وسيلن تي ڌارين جي گرفت مضبوط ڪرڻ هوندو آهي.

اڄ ملڪ جي حالتن ۾ سڀ کان اهم ڳالهه اها آهي تہ اسٽيبلشمينٽ، سياسي قيادت ۽ ٻين ڌرين کي سمجهڻ گهرجي تہ تجربن جو دور هاڻي ختم ٿيڻ گهرجي. هر ڪجهه سالن کان پوءِ آئين ۾ وڏيون وڏيون تبديليون ڪرڻ، صوبن جا اختيار گهٽائڻ ۽ ملڪ کي نون تجربي سان آزمائڻ، ملڪ جي وجود لاءِ خطرو آهي. جيڪڏهن وفاقي رياست کي بچائڻو آهي تہ پوءِ صوبن کي سنڌن آئيني حقن سان گڏ عزت ڏني وڃي. نہ تہ ون يونٽ جهڙو تجربو ٻيهر ٿي سگهي ٿو، جنهن جو نتيجو اڳ ئي ڏسڻ ۾ اچي چڪو آهي. تاريخ ٻڌائي ٿي تہ جڏهن بہ ماڻهن کي سنڌن وسيلن ۽ حقن کان محروم ڪيو ويو آهي، تڏهن تڪرار وڌيا آهن ۽ ملڪ کي وڏن بحرانن کي منهن ڏيڻو پيو آهي. نون صوبن جو قيام جيڪڏهن وفاق کي مضبوط ڪندو تہ اهو خوش آئند هوندو، پر جيڪڏهن اهو قدم وفاق کي ڪمزور ڪري علائقائي تڪرار وڌائيندو تہ پوءِ ان کان وڏو نقصان ڪو نہ ٿيندو.

ملڪ جي سياسي قيادت لاءِ پيغام اهو هجڻ گهرجي تہ ملڪ کي تجربي گاهه بڻائي ان جا بنياد کوکلا نہ ڪيا وڃن. آئيني استحڪام، صوبائي خودمختياري ۽ وفاقي وحدت کي هر قيمت تي بچائڻ گهرجي. جو تہ ملڪ جو مستقبل ان ڳالهه سان جڙيل آهي تہ اسان پنهنجن وسيلن کي ڪيئن ورهائيندا آهيون، پنهنجن ماڻهن کي ڪهڙو اعتماد ڏيندا آهيون ۽ پنهنجي آئين کي ڪيتري عزت ڏيندا آهيون. جيڪڏهن نون صوبن جو قيام عوامي خواهشن ۽ وفاقي اتفاق راءِ سان ٿيندو تہ اهو يقينن سٺو قدم هوندو، پر جيڪڏهن اهو قدم طاقت جي زور تي ۽ صوبن جي مرضيءَ خلاف کنيو ويندو تہ پوءِ اهو ملڪ لاءِ نئون بحران بڻجي سگهي ٿو.

دنيا جو نئون ناياب 'بلڊ گروپ' دريافت

ڊاڪٽر ڪامران اعوان

فرانس جي سائنسدانن سالن جي تحقيق ڪانپوءِ دنيا جو هڪ عجيب (نيگيٽو) بلڊ گروپ دريافت ڪري ورتو آهي، جيڪو عام رواجي گروپن سان ڪوميلاپ ٿي نہ ٿو رکي. هن رت جي قسم جي واحد ڄاتل سڃاتل ڪيريئر گواڊيلوپ جي هڪ عورت آهي، ۽ سندس رت ايترو منفرد آهي، جو ڊاڪٽر هن لاءِ هڪ بہ مناسب عطيو ڪندڙ نہ ڳولي سگهيا آهن. دنيا جي هزارين ماڻهن جي ٽيسٽ ڪئي وئي آهي پر ان کي ڪنهن بہ ماڻهو ج بلڊ گروپ ٿي نہ ٿو لڳي. 48هون تسليم ٿيل رت جو گروپ، 'گواڊا نيگيٽو'. تڏهن دريافت ٿيو، جڏهن عورت جي رت جي پلازما هر امڪاني عطيو ڏيندڙ جي رت جي نموني جي خلاف رد عمل ظاهر ڪيو. انهن جي پنهنجي ڀائرن ۽ ڀينرن جا نمونا بہ رد ڪيا ويا. ڇو جو اهي رت جا جزا سندس گروپ سان ميچ ٿي نہ پيا ٿين، نتيجي طور، انهن لاءِ ڪو بہ مناسب رت جو عطيو ڏيندڙ ڳولڻ ناممڪن ٿي ويو.

گهڻا ماڻهو پنهنجي رت جو قسم، A، B، AB، يا Oڄاڻن ٿا، ۽ اهو بہ ڄاڻن ٿا تہ اهي Rhمثبت آهن يا منفي (نيگيٽو يا پازيٽو). جڏهن تہ اهي عام ۽ مشهور رت جا قسم (اهي اڪري ان سان گڏ 'مثبت' يا 'منفي') اصل ۾ رت جي گروپن جي درجنين نظامن مان صرف ٻن جي نمائندگي ڪن ٿا، جيڪي منتقلي لاءِ مناسب هوندا آهن. هر رت جي گروپ جو نظام اصل ۾ اسان جي ڳاڙهي رت جي سيلن جي مٿاڇري تي موجود پروٽين ۽ شگر ۾ معمولي پر تمام اهم فرق کي ظاهر ڪري ٿو. سائنسدانن گواڊيلوپ جي هڪ عورت ۾ رت جي ان قسم جي پراسرار سبب کي ڳولڻ لاءِ جديد جينياتي تجزيي جو استعمال ڪيو انهن 'پوري ايڪسوم سيڪوئنسنگ' استعمال ڪندي PIGZ نالي هڪ جين ۾ هڪ ميوٽيشن دريافت ڪئي، هڪ ٽيڪنڪ جيڪا 20,000 کان وڌيڪ انساني جين جي جانچ ڪري ٿي. هي جين هڪ اينزائم پيدا ڪري ٿو جيڪو سيل جهليءَ تي هڪ اهم ماليڪيول ۾ هڪ مخصوص پروٽين ۽ شگر شامل ڪري ٿو هن شگر جي غير موجودگي ڳاڙهن خلين جي مٿاڇري تي موجود ماليڪيول جي بناوت کي تبديل ڪري ٿي. هي تبديلي هڪ نئون ماليڪيولر جين پيدا ڪري ٿي، جيڪو ڪنهن بہ رت جي گروپ کي طئي ڪرڻ وارو بنيادي عنصر آهي. هي هڪ مڪمل طور تي نئين رت جي درجہ بندي جو نظام ناهي ٿو يعني 'گلوڊا پازيٽو' (جنهن ۾ هي ماليڪيول شامل آهي) يا 'گلوڊا نيگيٽو' (جنهن ۾ هي ماليڪيول شامل ناهي).

سائنسدانن جي ٽيم جين ايڊيٽنگ ٽيڪنالاجي استعمال ڪندي ليبارٽري ۾ ساڳئي ميوٽيشن کي ٻيهر ناهي، پنهنجي دريافت جي تصديق ڪئي. اهڙي طرح، هاڻي تائين ڄاڃيل سيني رت جي نمونن جا ڳاڙها سيل وائرس لاءِ مثبت آيا آهن. جڏهن تہ گواڊيلوپ جو هي مريض دنيا جو واحد ڄاتل سڃاتل شخص آهي، جنهن جو رت وائرس لاءِ نيگيٽو آهي. هن دريافت جا نتيجا صرف رت جي منتقلي تائين محدود نہ آهن. هي مريض معمولي ذهني معذوري جو شڪار آهي، ۽ افسوس سان، سندس ٻہ ٻار پيدائش تي فوت ٿي ويا.

اهي مسئلا ممڪن طور تي انهن ۾ مليل هن نادر جينياتي ميوٽيشن سان ڳنڍيل هوندا PIGZجين پاران پيدا ٿيندڙ اينزائم پيچيده ماليڪيول GPI(گلائڪوسيلفاسفٽيڊائل انوسٽول) جي پيداوار جي آخري مرحلي ۾ ڪم ڪري ٿو. اڳوڻي تحقيق مان ظاهر ٿيو آهي تہ GPIناهڻ لاءِ گهربل ٻين اينزائمز ۾ خرابي وارن ماڻهن کي اعصابي مسئلا ٿي سگهن ٿا. گواڊا جي دريافت انساني جينياتي تنوع جي عجائبات ۽ پيچيدگين کي اجاگر ڪري ٿي. رت جا گروپ جزوي طور تي پکڙجندڙ بيمارين کان بچاءُ جي طور تي جوڙيا ويا، ڇاڪاڻ تہ ڪيترائي بيڪٽيريا، وائرس ۽ پيراسائٽس رت جي گروپ سان لاڳاپيل ماليڪيولز کي سيلز ۾ داخل ٿيڻ جي طريقي طور استعمال ڪندا آهن. ان جو مطلب اهو آهي تہ توهان جي رت جو قسم ڪجهہ بيمارين جي حساسيت يا قوت مدافعت کي متاثر ڪري سگهي ٿو پر غير معمولي ناياب طبي مسئلن کي جنم ڏئي ٿو.

فرانسيسي محقق تسليم ڪن ٿا تہ اها اڳڪٿي ڪرڻ ناممڪن آهي تہ جيڪڏهن گواڊيلوپين رت سان مطابقت نہ رکندڙ رت گواڊيلوپين عورت کي ڏنو وڃي تہ ان جو ردعمل ڇا هوندو. جيتوڻيڪ دنيا ۾ ٻيا بہ _GoDaddyمنفي ماڻهو آهن، انهن کي ڳولڻ انتهائي ڏکيو هوندو. اهو پڻ واضح ناهي تہ اهي رت جو عطيو ڏئي سگهندا يا نہ. هي حقيقت مستقبل جي حل ڏانهن اشارو ڪري ٿي: ليبارٽري ۾ پيدا ٿيندڙ رت جي سيلز تي تحقيق جاري آهي. سائنسدان اڳ ۾ ئي اسٽيم سيلز مان ڳاڙهي رت جي سيلز پيدا ڪرڻ تي ڪم ڪري رهيا آهن، جن کي جينياتي طور تي تبديل ڪري سگهجي ٿو تہ جيئن تمام گهٽ رت جي گروپن سان مطابقت رکي سگهجي. گوئٽر جي صورت ۾، محقق PIGZجين کي تبديل ڪندي مصنوعي طور تي گوئٽر_ منفي ڳاڙهي رت جا سيل پيدا ڪري سگهن ٿا.

گواڊا هاڻي انٽرنيشنل سوسائٽي آف بلڊ ٽرانسفيوزن پاران تسليم ٿيل 47 ٻين بلڊ گروپ سسٽم ۾ شامل ٿي وئي آهي. انهن مان گهڻن رت جي گروپ سسٽم وانگر، هي هڪ اسپتال جي ليبارٽري ۾ دريافت ڪيو ويو، جتي ٽيڪنيشن مريض لاءِ مناسب رت جو قسم ڳولڻ جي ڪوشش ڪري رهيا هئا. هي نالو ڪيس جي ڪيريبين سڃاڻپ کي ظاهر ڪري ٿو. گواڊا گواڊيلوپ جي رهاڪن لاءِ عام استعمال ٿيندڙ اصطلاح آهي، جنهن هن رت جي گروپ کي سائنسي ۽ ثقافتي اهميت ڏني آهي.

بلڊ گروپن بابت تحقيق صرف "گوآڊا" تائين محدود ناهي، دنيا ۾ ڪيترائي ٻيا ناياب گروپ اڳ ۾ بہ دريافت ٿيا آهن. بومبئي بلڊ گروپ جيڪو 1952 (hh group)۾ بومبئي (هاڻوڪو ممبئي) ۾ دريافت ٿيو اهو هن وقت بہ دنيا ۾ هر 4 لک ماڻهن مان هڪ ۾ ملي ٿو اهڙن ماڻهن کي صرف ساڳيو hhگروپ ئي رت ڏئي سگهي ٿو_Rh Nullگولڊن بلڊ گروپ آهي جيڪو دنيا جو سڀ کان ناياب بلڊ گروپ سڏجي ٿو اهو 1961 ۾ آسٽريليا ۾ دريافت ٿيو اڄ تائين دنيا ۾ رڳو لڳ ڀڳ 50 ماڻهو هن بلڊ گروپ جا آهن ٻيو ڪٿي بہ اهو گروپ ملي ئي نہ ٿو هن بلڊ گروپ کي "گولڊن بلڊ" بہ چيو وڃي ٿو ڇاڪاڻ تہ ان کي ڪڏهن ڪڏهن ٻين بلڊ گروپن لاءِ بہ استعمال ڪري سگهجي ٿو Diego ۽ Duffyگروپ مخصوص نسلي گروهن ۾ وڌيڪ ملن ٿا مثال طور، Duffyگروپ افريقن نسل جي ماڻهن ۾ مليريا کان بچاءُ ۾ اهم ڪردار ادا ڪري ٿو "گوآڊا نيگيٽو" جي دريافت انساني رت جي پيچيدگي ۽ اثر کي وڌيڪ واضح ڪري ٿي ناياب بلڊ گروپن بابت تحقيق مستقبل ۾ نہ رڳو رت جي منتقلي کي وڌيڪ محفوظ بڻائيندي، پر انساني جينياتي بيمارين جي علاج ۾ بہ نوان دروازا کوليندي سائنسدانن جو چوڻ آهي تہ ان گروپ جي تحقيق ۾ اسان کي ٻين ناياب گروپن جي خبر ملي آهي، جنهن تي تحقيق جاري آهي، پر اهي ناياب آهن جيڪي ٻين ماڻهن ۾ نہ پيا ٿين، ان ڪري اهڙن ماڻهن جي بہ ڳولا جاري آهي.

'اي خدا، نيپالي نوجوانن کي سعادت مند بڻاءِ'

وسعت الله خان

مارچ 2022ع ۾ جڏهن سري لنڪا جا نوجوان تباهہ ڪن معاشي پاليسين ۽ آمريت کان تنگ اچي ڪولمبو سميت ٻين شهرن ۾ راجاپڪسا خاندان خلاف مظاهرا ڪرڻ لاءِ روڊن تي نڪري آيا هئا، تڏهن پاڪستاني ميڊيا وڏي دلچسپيءَ سان ان جو نوٽيس ورتو. تجزيہ نگارن کي اوچتو لڳڻ لڳو تہ پاڪستان ۽ سري لنڪا جي حالتن ۾ گهڻي مشابهت آهي. خانداني سياست جي خامين تي کلي کلي روشني وڌي وئي. اهو بہ بحث ٿيڻ لڳو تہ ڇا مذاق آهي، هڪڙوئي خاندان 25 سالن کان سري لنڪا جي سياست تي قابض آهي. هڪ ڀاءُ (گوتابايا راجاپڪسا) صدر، ٻيو ڀاءُ (مهندا راجاپڪسا) وزيراعظم، ٽيون ڀاءُ باسل راجاپڪسا خزاني جو وزير، چوٿون ڀاءُ چمل راجاپڪسا ڪڏهن قومي اسيمبليءَ جو اسپيڪر رهيو تہ ڪڏهن جهاز راني ۽ بندرگاهن جو وزير، پوءِ زراعت جو وزير. وزيراعظم مهندا جو جوان سال پٽ نمل راجاپڪسا راندين ۽ نوجوانن جي معاملن جو وزير ۽ خاندان جو ولي عهد.

جولاءِ 2022ع ۾ جڏهن ڏيوالو ٿيل سري لنڪا ۾ حڪمران خاندان جي سياست بہ ڏيوالي ٿي وئي ۽ سڀ ڀائر ڀائٽيا ملڪ ڇڏڻ تي مجبور ٿي ويا تہ پاڪستان ۾ بہ خانداني سياست جي مخالفن جا سينا وڌيڪ کلي ويا. ان وقت کان رڳو اڍائي مهينا اڳ ئي عمران خان کي هٽايو ويو هو. تنهنڪري هن جي حامين ۾ بہ 'لازم آهي تہ اسان بہ ڏسنداسين' جهڙا جذبا اڀرڻ لڳا. ٽي وي ٽاڪ شوز ۾ بہ روز اهو جملو ورجائڻ لڳو تہ پاڪستان بہ سري لنڪا جيان ڏيوالي ٿيڻ جي واٽ تي آهي. پر وقت ڏيکاريو تہ اها واٽ نائين مئي ۽ اٺين فيبروري جهڙين حالتن مان گذرندي اڄ ڪٿي پهتي آهي.

گذريل سال پنجين آگسٽ تي جڏهن بنگلاديش ۾ 15 سال کان مطلق العنان شيخ حسينہ واجد نوجوانن جي غضبناڪ طوفاني احتجاج آڏو ٽڪي نہ سگهي ۽ هيلي ڪاپٽر ذريعي ڀڄي ڀارت نڪري وئي تہ پاڪستاني ميڊيا کي بہ موقعو مليو تہ جنهن طريقي سان چاهيو ان بابت بحث مباحثو ڪري. پاڪستان جي خانداني حڪمران اشرافيا ۾ بہ خوشيءَ جون لهرون ڊوڙي ويون. پر بنگلاديش جي نئين قيادت سان لاڳاپا بهتر ٿيڻ جي خوشيءَ ۾ حسينہ واجد جي زوال جا بنيادي سبب سنجيدگي سان بحث هيٺ نہ اچي سگهيا.

هاڻي جڏهن نيپال ۾ تخت و تاج لرزي پيا تہ بہ اها اميد هئي تہ سري لنڪا ۽ بنگلاديش جيان پاڪستاني ميڊيا وري خوشيءَ سان ڪوريج ڪندو. پر جڏهن ڪٽمنڊو مان اهڙيون تصويرون ۽ وڊيوز اچي ويون جن ۾ پارليامينٽ، وزيراعظم هائوس ۽ وزيرن جي گهرن کي ٻاهيون ڏنل هيون، روڊن تي جنزي نسل جا ڪاوڙيل ٻارڙا، بيوروڪريٽس جا ڦاٽل ۽ رتورت گريبان نظر آيا تہ پوءِ اسان جهڙن کي سمجهہ ۾ نہ آيو تہ اهي تصويرون عوام آڏو ڪيئن پيش ڪجن.

نيپالي سوشل ميڊيا تي مڪمل پابنديءَ جا حڪم بہ اچي ويا، پر حڪمران طبقي جي بگڙيل اولاد جون عياشيون، عجيب و غريب وڊيوز ۽ انسٽاگرام جون ريلون ڪيئن لڪايون وڃن؟ سري لنڪا ۽ بنگلاديش جي حالتن ۾ تہ آساني هئي، ڇو تہ احتجاج ڪنهن هڪ خاندان يا هڪ فسطائي شخصيت خلاف هو. پر نيپال ۾ تہ سڄي سياسي طبقي، عدليہ، بيوروڪريسي، ميڊيا ۽ وچولي طبقي جي ڪردار کي نشانو بڻايو ويو. پوءِ ڇا ڪجي؟ سو اهڙي خطرناڪ انارڪيءَ کان عوام کي بچائڻ لاءِ 'ذميوار ۽ بردبار ميڊيا' کي صلاح ڏني وئي تہ سنجيده ۽ احتياط سان ڪوريج ڪئي وڃي. نتيجي ۾ پاڪستاني ميڊيا نيپال جي باري ۾ جيڪو تاثر پيش ڪيو اهو هي هو تہ ها، طبقاتي محرومن کي آواز ملڻ گهرجي، ڪرپشن خلاف نعرا لڳڻ گهرجن، اظهار جي آزادي ۽ احتساب بہ هجڻ گهرجي، پر اهڙي حد تائين نہ جو رياستي ادارا ئي مفلوج ٿي وڃن. نيپالي نوجوانن کي بہ سمجهڻ گهرجي تہ ڪٿي اهڙي انارڪيءَ جي پردي ۾ ڪنهن ٻاهرين طاقت (مثال طور ڀارت) جا مفاد پورا نہ ٿي رهيا آهن.

اسان کي ياد آهي تہ ضياءُ الحق جي دور ۾ حڪمران جي اطاعت کي ميڊيا ذريعي هڪڙو ئي بنيادي سبق بڻايو ويو هو. ادارا، مضمون، اشفاق احمد جا ڊراما سڀ ۾ اولي الامر جي اطاعت جو درس. پر فيض احمد فيض پنهنجي نظم 'نداءِ غيب' ۾ اولي الامر جي جيڪا تشريح ڪئي، اها تڏهن بہ ناقابلِ برداشت هئي ۽ اڄ تہ ان قسم جي سوچ تي سائبر قانونن جو بہ پهرو آهي

اي خدا! نيپالي نوجوانن کي سعادت جي راهہ ڏيکار، نيڪيءَ جي توفيق عطا ڪر. بزرگن جي عزت ۽ فرمانبرداري سيکار، ڪين قومي مفاد سمجهڻ ۽ پرکڻ جي صلاحيت ڏي، نفاق ۽ حسد جي زهر کان بچاءِ. آمين ثم آمين

تاريخ ۾ پهريون ڀيرو ٽريڊ ڊسپيوٽ ريزوليوشن ڪميشن کي فعال ڪيو ويو آهي. واپار واري وزير جي قيادت ۾ ڪميشن پنهنجي ڪم جي عملي شروعات ڪري ڇڏي آهي. واپار واري وزارت موجب وزيراعظم جي ڪوآرڊينيٽر راڻا احسان افضل ان حوالي سان چيو آهي تہ ڪميشن جي قيام ۽ فعال هئڻ جو ڪريڊٽ جام ڪمال خان جي ويزنري قيادت ڏانهن وڃي ٿو. واپار واري وزير جي هدايت تي [illegible]

نامي (MoU)تي صحيحون ڪيون ويون ان موقعي تي اسٽيوٽا جي چيئرپرسن جنيد بلند سينٽرل جيل جو دورو ڪيو ۽ ٻارن سان ملاقات بہ ڪئي هن چيو تہ سنڌ جي 14 جيلن ۾ 24 هزار کان وڌيڪ نابالغ قيدين کي هنري سکيا ڏني ويندي، جيئن هو آزادي بعد معاشري جا ڪارآمد شهري بڻجي سگهن جنيد بلند ٻڌايو تہ "اسان ٻارن کي جديد هنر سيکارڻ جو منصوبو شروع ڪري [illegible]

سان نشانو بڻايو جنهن جي نتيجي ۾ 10 دهشتگرد مارجي ويا. جڏهن تہ فائرنگ جي ڏي وٽ دوران سيڪيورٽي فورسز جا 7 بهادر پٽ نائيڪ عبدالجليل (عمر 39 سال اتر وزيرستان جو رهاڪو) نائيڪ گل جان (عمر 38 سال لڪي مروت ضلعي جو رهاڪو) لانس نائيڪ عظمت الله (عمر 28 سال ضلعو لڪي مروت) سپاهي عبدالمالڪ (عمر 28 سال، ضلعو خيبر) سپاهي محمد امجد (عمر 27 سال ضلعو مالاڪنڊ) سپاهي محمد دائود (عمر 23 سال، ضلعو صوابي) ۽ سپاهي فضل قيوم [illegible]

تفصيلي پيڪيج جو حتمي اعلان ڪيو ويندو. وزيراعظم چيو تہ جن ٻوڏ متاثر صارفين کان آگسٽ 2025 جو بجلي جو بل وصول ڪيو ويو آهي اينڊز مهيني ايڊجسٽ ڪيو ويندو. هن چيو تہ ٻوڏ پوري پاڪستان ۾ لکين ماڻهن کي متاثر ڪيو آهي. مشڪل جي هن وقت ۾ عوام جي ڏکن تي مرهم رکڻ جي هر ممڪن ڪوشش ڪري رهيا آهيون. وزيراعظم شهباز شريف چيو تہ متاثرين جي ريسڪيو ۽ بحالي جي لاءِ وفاقي ۽ صوبائي ادارا پنهنجون سموريون ڪوششون ڪري رهيا آهن [illegible]

هو تہ متاثرين کي بينظير انڪم سپورٽ پروگرام جي ذريعي امداد ڏيو پر اها اڃان تائين ناهي ڏني وئي، چيئرمين بلاول ڀٽو اهو بہ چيو هو تہ عالمي امداد جي فوري اپيل ڪري، اها اڃان تائين ناهي ڪئي وئي. وفاقي حڪومت جلد گڏيل قومن کان امداد جي اپيل ڪري. سنڌ جي وڏي وزير چيو تہ ٽوڙي بند ۽ ڪي ڪي بند گڊو بيراج جا ڪمزور هنڌ آهن، ٻوڏ صورتحال کي منهن ڏيڻ جي لاءِ انتظام مڪمل ڪري ورتا آهن. ڪشمور مان 30 هزار متاثرين کي ڪڍيو ويو آهي پر رليف ڪيمپن [illegible]

موقعن کي فروغ ڏيڻ جي حوالي سان هڪ اهم ترقي قرار ڏنو پيو وڃي.

بقايا 09

۾ اسرائيلي جهازن هر 10 کان 15 منٽن تي بي گهر فلسطينين لاءِ پناهہ گاهہ کي نشانو بڻايو، جنهن جي ڪري گهڻا ماڻهو محفوظ هنڌ منتقل ٿيڻ لاءِ وقت کان محروم ٿي ويا. چنچر تي، ڏکڻ اولهہ غزه ۾ پبلڪ پراسيڪيوشن بلڊنگ کي نشانو بڻايو ويو. الجزيره جي مطابق، مرڪزي غزه ۾ برج ڪيمپ تي اسرائيلي حملي ۾ هڪ شخص مارجي ويو. جڏهن تہ اسپتال جي ذريعن چيو تہ فلسطين اسٽيڊيم ۾ بي گهر ماڻهن لاءِ هڪ خيمہ تي اسرائيلي حملي ۾ چار ماڻهو مارجي ويا. خان يونس ۾ اسرائيلي حملي ۾ ٽي فلسطيني مارجي ويا. الجزيره جي مطابق، چنچر تي غزه ۾ اسرائيلي حملي ۾ 50 کان وڌيڪ فلسطيني مارجي ويا. ان کان علاوه، 7 وڌيڪ فلسطيني بک کان مري ويا. فلسطيني ميڊيا موجب، اسرائيل غزه ۾ نسل ڪشي لاءِ 8 ارب ڊالر جي فنڊ جي منظوري ڏني.

بقايا 10

عباسي جي وچ ۾ جنگ بندي جو مطالبو ڪيو آهي. وفاقي وزيرن حنيف عباسي ۽ خواجہ محمد آصف جي وچ ۾ جنگ بندي ٿي وئي آهي. ريلوي وزير حنيف عباسي گذريل هفتي قومي اسيمبلي ۾ دفاع واري وزير خواجہ محمد آصف تي سخت تنقيد ڪئي هئي، جنهن ۾ هن وفاقي ڪابينا ۽ حڪمران پارٽي پاڪستان مسلم ليگ نواز (پي ايم ايل-اين) جي سينيئر ساٿين پاران تازن مهينن ۾ ڏنل بيانن جو حوالو ڏيندي دفاع واري وزير خواجہ محمد آصف تي سخت تنقيد ڪئي هئي. هن ڪيس صلاح بہ ڏني هئي تہ جيڪڏهن هو حڪومت جي ڪارڪردگي کان ايترو مطمئن نہ آهي تہ ڪيس اٿي مخالف ڌر جي سيٽن تي وڃي مطمئن ٿيڻ گهرجي. خواجہ محمد آصف، اعليٰ سرڪاري عملدارن تي تنقيد ڪرڻ سان گڏ، اهو سنگين الزام بہ لڳايو هو تہ اعليٰ سول انتظاميا جي عملدارن پنهنجا اثاثا وڏي پيماني تي يورپي ملڪ پرتگال منتقل ڪيا آهن

بقايا 11

دائود جٽ ۽ محسن شيخ پڻ گڏ هئا. جڏهن تہ ايڊيشنل ڊائريڪٽر ڊاڪٽر عبدالحنان رائو، ڊپٽي ڊائريڪٽر پولٽري ڊاڪٽر هريش ڪمار، ڊپٽي ڊائريڪٽر اينيمل هسبينڊري ڊاڪٽر گوردن ڊاٽي، ڊاڪٽر سيد هسيم لطيف ۽ ٻين سنڌن استقبال ڪيو. ان موقعي تي ڊپٽي ميئر سلمان عبدالله مراد کي لائيو اسٽاڪ، اينيمل هسبينڊري ۽ پولٽري بابت ڪنيل قدمن بابت بريفنگ ڏني وئي. سلمان عبدالله مراد چوپائي مال ۽ پولٽري کي بيمارين کان بچاءَ لاءِ قدمن تي اطمينان جو اظهار ڪندي چيو تہ اسان جي ڪوشش آهي تہ برسات ۾ عام ماڻهن کي نقصان کان بچايو وڃي. چوپايو مال توڙي پولٽري کي پڻ نقصان کان بچائڻ لاءِ لائيو اسٽاڪ کاتي طرفان جيڪي قدم کنيا ويا آهن، اهي بهتر آهن. انهن ڪوششن سان چوپائي مال کي بيمارين کان بچائي سگهجي ٿو هتان جي ٽيم پنهنجو ڪم بهتر انداز ۾ ڪري رهي آهي. جنهن تي ڪين شاباس ڏجي ٿي، ان موقعي تي ڊپٽي ميئر ۽ ٻين مهمانن کي سنڌ جي روايتي سوکڙين سنڌي ٽوپي ۽ اجرڪ تحفا پڻ ڏنا ويا.

بقايا 12

باري ۾ بريفنگ ڏني وئي. ايوان صدر جي ميڊيا ونگ مان جاري بيان موجب عملدارن ٻڌايو تہ چين وٽ دنيا جو سڀ کان وڏو هاءِ اسپيڊ ريلوي نيٽ ورڪ آهي جيڪو 45 هزار ڪلوميٽرن کان وڌيڪ پٽڙين تي ٻڌل آهي ۽ ساليانو 2 ارب کان وڌيڪ مسافرن کي سهولت فراهم ڪري ٿو. هي ٽرينون 350 ڪلوميٽر في ڪلاڪ جي رفتار سان هلنديون آهن ۽ تقريبن سمورن وڏن چيني شهرن کي پاڻ ۾ جوڙين ٿيون. چين هڪ معياري ۽ جديد مسافر نظام تيار ڪيو آهي جيڪو اڄ دنيا لاءِ جديد رابطن جو هڪ مثال بڻجي چڪو آهي. صدر آصف علي زرداري چين جي پائيدار ۽ مضبوط ٽرانسپورٽ ۾ ڪاميابين کي ساراهيندي چيو تہ ماحولياتي گدلاڻ کان پاڪ برقي نظام ۽ زلزلي جي وقت کان اڳ اطلاع ڏيڻ جي ٽيڪنالاجي ريلوي انجنيئرنگ جو شاهڪار آهي. هن چيو تہ هي جديد قدم ٻين ملڪن خاص ڪري پاڪستان لاءِ قيمتي رهنمائي فراهم ڪن ٿا. صدر سان گڏ پاڪستان جو چين ۾ مقرر سفير جليل هاشمي، پاڪستان ۾ چين جو سفير جيانگ زائي ڊونگ، جيڪو صدر سان گڏ پوري دوري ۾ شريڪ آهي ۽ سينيٽر سليم مانڊوي والا بہ موجود هو. ميانيانگ پهچڻ تي صدر جي آجيان نائب ميئر ووها ڪئي.

بقايا 13

ٿي ويو. سکر بيراج تي وچولي درجي جي ٻوڏ آهي، پاڻي جي آمد 4 لک 80 هزار ڪيوسڪ ٿي وئي جڏهن تہ ڪوٽڙي بيراج تي هيٺاهين درجي جي ٻوڏ آهي ۽ پاڻي جو وهڪرو 2 لک 71 هزار ڪيوسڪ رڪارڊ ڪيو ويو ٻئي طرف سنڌو درياءَ ۾ ڪوٽ مٺن، راجن پور، چاچڙان شريف تي پاڻي جي آمد ۾ معمولي گهٽتائي آئي ۽ سطح 11.5 فٽ تي اچي وئي. چناب درياءَ ۾ بہ ٻيڊ پنجند تي وهڪرن ۾ گهٽتائي جو سلسلو جاري آهي. انهي کان علاوه ستلج درياءَ ۾ گندا سنگهہ والا ۽ ٻيڊ اسلام تي [illegible]

402.919 ڪيوسڪ رڪارڊ ڪيو ويو آهي. گڊو بيراج تي اپ اسٽريم جو وهڪرو 612.269 ڪيوسڪ ۽ ڊائون اسٽريم جو وهڪرو 582.942 ڪيوسڪ رڪارڊ ڪيو ويو آهي. شرجيل ميمڻ چيو تہ سکر بيراج تي اپ اسٽريم 488.820 ڪيوسڪ ۽ ڊائون اسٽريم 438.390 ڪيوسڪ رڪارڊ ڪيو ويو آهي. ڪوٽڙي بيراج تي اپ اسٽريم جو وهڪرو 274.129 ڪيوسڪ ۽ ڊائون اسٽريم 261.399 ڪيوسڪ آهي. هن چيو تہ گذريل 24 ڪلاڪن ۾ 5269 ماڻهن کي محفوظ هنڌن تي منتقل ڪيو ويو آهي، هيئنر تائين منتقل ٿيل ماڻهن جو گڏيل انگ 163.364 ٿي ويو آهي. ڪچي جي علائقن مان 252 ماڻهو رليف ڪيمپس ۾ منتقل ٿيا. رليف ڪيمپس ۾ موجود ماڻهن جو گڏيل انگ 469 آهي. شرجيل انعام ميمڻ چيو تہ سن حڪومت طرفان 177 فڪسڊ ۽ موبائل هيلٿ سائٽس قائم ڪيون ويون آهن جتي گذريل 24 ڪلاڪن ۾ 6.596 مريضن جو علاج ڪيو ويو. هيئنر تائين گڏيل طور تي 84.118 مريضن کي طبي سهولتون ڏنيون ويون آهن. صوبائي وزير وڌيڪ چيو تہ گذريل 24 ڪلاڪن ۾ 11.569 چوپائي مال کي محفوظ هنڌن تي منتقل ڪيو ويو جنهن کان پوءِ هيئنر تائين منتقل ٿيل چوپائي مال جو انگ 438.835 تائين پهچي ويو آهي. 51.308 چوپائي مال کي گذريل 24 ڪلاڪن ۾ ويڪسين ۽ علاج فراهم ڪيو ويو جنهن جو گڏيل انگ 1.232.223 ٿي ويو آهي.

بقايا 06

هائوس ڪراچي ۾ عورتن لاءِ هڪ روحاني محفل منعقد ڪئي وئي. هن بابرڪت محفل ۾ عورتن جي وڏي تعداد شرڪت ڪئي ۽ حضور صلي الله عليہ وسلم سان پنهنجي گهري عقيدت ۽ محبت جو اظهار ڪيو. مشهور نعت خوان ميلا نصير نعتيہ ڪلام پيش ڪيو ۽ سامعين جي دلين ۾ روحاني خوشي ۽ سڪون آندو. محفل جي آخر ۾ ملڪ جي ترقي، خوشحالي ۽ سلامتي لاءِ خاص دعائون گهريون ويون.

بقايا 07

جا لاڳاپا متاثر نہ ٿيندا. لاڳاپا مضبوط آهن ۽ رهندا. روبيو موجب ڪيترائي ملڪ قطر ۾ پيش آيل واقعي تي ڪاوڙيل آهن. صدر ٽرمپ يرغمالين جي آزادي ۽ تڪرار جي خاتمي جو خواهشمند آهي تہ جيئن اڳتي وڌي سگهجي. هن چيو تہ قطر تي حملي جي اثرن بابت اسرائيلي وزيراعظم سان ڳالهائيندس. جڏهن تہ فلسطيني رياست کي تسليم ڪندڙ ملڪن کي اڳ ئي خبردار ڪيو هو ۽ اسرائيل جو سخت ردعمل انهن ئي فيصلن جو نتيجو آهي.

بقايا 08

ٽيم ريلوي اسٽيشن تي سنڌس گرمجوشي سان استقبال ڪيو. ان موقعي تي پاڪستان ۽ چين جي دوستي کي پليڪارڊ بينرن ذريعي خراج تحسين پيش ڪيو ويو. گورنر سنڌ شوزو ميونسپل پيپلز گورنمينٽ جي سيڪريٽري جنرل ۽ ٻين اعليٰ عملدارن سان هڪ اهم ملاقات ڪئي. ملاقات دوران ٻطرفي لاڳاپن، باهمي واپار ۾ واڌ، سيڙپڪاري جا موقعا، انفراسٽرڪچر منصوبن، توانائي جي شعبي ۾ تعاون ۽ سماجي-ثقافتي لاڳاپن جي فروغ تي تفصيلي ڳالهہ ٻولهہ ڪئي وئي. ملاقات ۾ حيدرآباد ۽ شوزو کي سسٽر سٽيز قرار ڏيڻ جي تجويز پڻ پيش ڪئي وئي. ٻنهي اڳواڻن باهمي رضامندي سان هن تجويز تي مثبت پيش رفت جو اشارو ڏنو ۽ چيو تہ هي قدم ٻنهي شهرن جي وچ ۾ صنعتي، تعليمي، ثقافتي ۽ واپاري شعبن ۾ تعاون کي هڪ نئون طول ڏيندو. گورنر سنڌ ڪامران ٽيسوري چيو تہ 60,000 ڊيمن جي تعمير چين جي حيرت انگيز ترقي ۾ اهم ڪردار ادا ڪيو آهي، ۽ ڊيمن جي تعمير پڻ پاڪستان جي پائيدار ترقي لاءِ وقت جي ضرورت آهي. هن چيو تہ سنڌ صوبو انفراسٽرڪچر، توانائي، صنعت ۽ ٻين شعبن ۾ سيڙپڪاري جا وسيع موقعا فراهم ڪري ٿو. هن وڌيڪ چيو تہ ڪاروباري سرگرمين کي آسان بڻائڻ لاءِ SIFC(اسپيشل انويسٽمينٽ فيسليٽيشن ڪائونسل) تحت ون ونڊو آپريشن ذريعي سيڙپڪارن کي سڀ سهولتون فراهم ڪيون پيون وڃن. گورنر ان عزم کي ورجايو تہ وزيراعظم پاڪستان ميان شهباز شريف ۽ آرمي چيف فيلڊ مارشل عاصم منير ملڪ جي معيشت جي [illegible]

بقايا 01

ٻوڏ جي صورتحال کي منهن ڏئي رهيو آهي. هيبد محمد والا ۽ شير شاهہ ۾ درجنين آباديون اڃا تائين گهري پاڻي ۾ ٻڏي ويون آهن. شجاع آباد ۽ جلال پور پير والا ۾ لکين ماڻهو بي گهر آهن. ان دوران، چاچڙان ۾ سوين گهر درياءَ ۾ ٻڏي ويا، هزارين ايڪڙ فصل تباهہ ٿي ويا ۽ مواصلاتي رستا ٻڏي ويا. صادق آباد ۾ نبي شاهہ جي هنڌ تي زميندارِي بند ٽٽي پيو، جنهن جي ڪري پاڻي آبادي ۾ داخل ٿي ويو. ان کان علاوه، شجاع آباد ۾ بہ ٻوڏ جي لهر تباهي مچائي رهي آهي. متاثرين جا مسئلا وڌي رهيا آهن. بستي ڏندو جي بند ۾ ڦاٽ بہ سو چاليهہ فوٽ تائين وڌي ويو آهي. جلال پور پير والا ۾ ٻوڏ جي صورتحال جاري آهي. شير شاهہ ۾ ڪيترائي علائقا بہ پاڻي هيٺ اچي ويا آهن. اوچ شريف جي درياهي علائقن ۾ ٻوڏ جي صورتحال آهي ۽ رات دير سان ٻڏي ويل آبادين ۾ بچاءُ جون ڪارروايون جاري آهن. راجن پور جي ڪچي واري علائقي ۾ ٻوڏ سبب هزارين ماڻهو پنهنجا گهر ڇڏڻ تي مجبور ٿي ويا آهن. ان کان علاوه روجهان، بنگلا اچا، سونميان ۽ ڪوٽ مٺڻ ۾ ڪچي وارا علائقا متاثر ٿيا آهن. انتظاميا موجب هڪ لک 10 هزار ماڻهو ۽ هڪ لک کان وڌيڪ ڍور منتقل ڪيا ويا آهن. متاثر علائقن ۾ ٻوڏ جي امدادي ڪئمپ پڻ قائم ڪيا ويا آهن. ٻوڏ ۾ ڦاٿل ماڻهن کي محفوظ هنڌن تي منتقل ڪرڻ لاءِ ڊرون جي مدد سان بچاءُ جون ڪارروايون جاري آهن. ٻئي طرف وهاڙي ۾ 100 کان وڌيڪ ڀهراڙي وارا علائقا بہ پاڻي هيٺ اچي ويا آهن. 76 هزار ايڪڙ کان وڌيڪ ايراضي تي فصل پاڻي هيٺ اچي ويا آهن. ان کان علاوه، رحيم يار خان ۾ سنڌو درياءَ تي انتهائي تيز ٻوڏ آهي. ڪيترائي ڳوٺ ۽ شهر ٻڏي ويا آهن. جنهن ڪري ماڻهو پنهنجن گهرن ۾ ڦاٿل آهن.

بقايا 02

زرداري جو شاندار استقبال ڪيو ويو. شنگهائي جي پرڏيهي معاملن بابت آفيس جي ڊپٽي ڊائريڪٽر جنرل شنگهائي ميونسپلٽي سنڌس آجيان ڪئي. ان موقعي تي شنگهائي ۾ پاڪستان جو قونصل جنرل بہ موجود هو.

بقايا 03

جي ايئر ڪرافٽ ڪامپليڪس جو دورو ڪيو جتي جي 10_ سي جنگي جهاز تيار ڪيا ويندا آهن. ايوان صدر جي پريس ونگ مان جاري بيان موجب صدر مملڪت هٿياربند فوج جي سپريم ڪمانڊر جي حيثيت سان ڪامپليڪس پهتو ۽ مختلف شعبن جو معائنو ڪيو. صدر آصف علي زرداري کي جي – 10، جي ايف 17 ۽ جي 20 – اسٽيلٿ فائٽرز سان گڏوگڏ ڊورن، خودڪار يونٽس ۽ ملٽي ڊومين آپريشنز بابت بريفنگ ڏني وئي. هن انجنيئرز ۽ سائنسدانن سان بہ ملاقاتون ڪيون. صدر ان موقعي تي چيو تہ جي 10 ۽ جي ايف 17 پاڪ فضائيہ کي مضبوط بڻايو آهي ۽ مئي 2025ع جي حق جي ويڙهہ ۽ آپريشن بنيان المرصوص ۾ انهن جهازن جي ڪارڪردگي نمايان رهي آهي. صدر اي وي آءِ سي کي چين جي اعليٰ ٽيڪنالاجي ۽ پاڪ – چين اسٽريٽجڪ حصيداري جي علامت قرار ڏنو. هوا ن ڪامپليڪس جو دورو ڪرڻ وارو پهريون غير ملڪي سربراهہ آهي. صدر سان گڏ چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري، خاتون اول آصفہ ڀٽو زرداري ۽ سينيٽر سليم مانڊوي والا بہ موجود هئا. ان موقعي تي پاڪستان جو سفير خليل هاشمي ۽ چين جو سفير جيانگ زاڊونگ بہ شريڪ هئا. پاڪستان دفاعي پيداوار ۽ هوابازي جي شعبي ۾ چين سان تعاون وڌيڪ وڌائڻ جي عزم جو ورجاءُ ڪيو. هي دورو ڀارت سان جنگ بندي جي 128 هين ڏينهن تي عمل ۾ آيو.

بقايا 04

۾ ٻوڏ سبب ٿيل نقصان جو اندازو لڳائڻ جون هدايتون جاري ڪري ڇڏيون آهن. ذريعن موجب حتمي نقصانن جو اندازو لڳائڻ جي لاءِ آدمشماري ۽ زراعت شماري جو ڊيٽا استعمال ڪرڻ جو فيصلو ڪيو ويو آهي. جڏهن تہ انفرا اسٽرڪچر ۽ ڪاروبار جي تباهي جو پتو لڳائڻ جي لاءِ اڪنامڪ شماري کان بہ مدد ورتي ويندي. ذريعن ٻڌايو آهي تہ زراعت شماري کان حاصل ڪيل ڊيٽا مان فصلن ۽ لائيو اسٽاڪ جي نقصانن جو تجزيو ڪيو ويندو. موجود ڊيٽا ۽ سافٽ ويئر جي استعمال سبب ٻوڏ نقصانن جو سروي ڪيو ويندو.

بقايا 05

[illegible]

بقايا 01 ----

ساموندي پٽي جي سيني سماجي ڪارڪنن جو استاد آهي هن جون لکڻيون مهاڻن جي زندگيءَ جي مشڪلاتن، اهنجن ۽ جدوجهدن کي پڌرو ڪن ٿيون. فاطمہ مجيد تفصيل موجب ساموندي پٽي جي نالي واري سماج سڌارڪ، ليکڪ ۽ شاعر ايوب شان خاصخيلي جي نئين ڪتاب ماهيگر اور سوشل موومنٽ جي پروقار مهورتي تقريب عوامي پريس ڪلب مليرِ ۾ ٿي جنهن جي صدارت فشرمين ڪوآپريٽو سوسائٽي جي نئين چونڊيل چيئرپرسن فاطمہ مجيد ڪئي جڏهن تہ صاحبِ ڪتاب پاڻ خاص مهمان هو تقريب ۾ ڪراچي ملير جي مختلف علائقن ابراهيم حيدري، ريڙهي، گڏاپ ۽ ميمڻ ڳوٺمان اديبن، دانشورن، سماج سڌارڪن، مهاڻن جي اڳواڻن ۽ سياسي سماجي ڪارڪنن فاطمہ مجيد، خدا ڏنو شاهہ، ايوب شان، سعيد بلوچ، يونس خاصخيلي، طالب ڪڇي، غلام نبي مگسي، سليم جي ميمڻ، مجيد موتاڻي، طالب ڪڇي، محمد گبول، اعجازعلي ميربحر، جبار خاصخيلي، عابد خاصخيلي، رومانوي شاعر سيد غفور شاهہ، اخترشيخ، ذوالفقار خاصخيلي، جمشيد زهراڻي ۽ ٻين شرڪت ڪئي ۽ گڏجي گلابن سان ڍڪيل ڪتاب ڪي مهورت ڪيو تقريب ڪي خطاب ڪندي فاطمہ مجيد چيو تہ ايوب شان نہ صرف منهنجو، پر ابراهيم حيدري ۽ ڪراچي ساموندي پٽي جي سيني سماجي ڪارڪنن جو استاد آهي. هن جون لکڻيون مهاڻن جي زندگيءَ جي مشڪلاتن، تڪليفن ۽ جدوجهدن کي پڌرو ڪن ٿيون. هن ڪان اڳ سندس ڪتاب نند نہ ڪجي ناڪوا وڏي اهميت وارو هو ۽ هاڻ ماهيگر اور سوشل موومنٽ بہ مهاڻن جي مسئلن کي اجاگر ڪري ٿو، ايوب شان تقريب کي خطاب ڪندي چيو مون پنهنجي زندگيءَ ۾ جيڪي ڏٺو، ڀوڳيو ۽ محسوس ڪيو، انهن کي لفظن ۾ قيد ڪري ڪتاب جي صورت ۾ پيش ڪيو آهي، لکڻ ايترو ڏکيو ڪم ناهي، پر غريب ليکڪن لاءِ ڇپائي جو خرچ ۽ ڪتاب عوام تائين پهچائڻ ڏاڍو ڏکيو ڪم آهي. پر جڏهن اهڙي عزت ۽ ساراهہ ملي ٿي تہ سڀ ڏک، غم ۽ ٿڪ ختم ٿي وڃن ٿا. خدا ڏنو شاهہ چيو تہ ايوب شان ۽ سندس ساٿي مهاڻن جي حقن جي آواز بڻيا آهن. جڏهن تہ فشرفوڪ جي جنرل سيڪريٽري سعيد بلوچ چيو تہ هي ڪتاب ساموندي پٽي جي حقيقي تصوير پيش ڪري ٿو. طالب ڪڇي بہ پنهنجي خطاب ۾ ايوب شان جي جدوجهد کي خراج پيش ڪيو ۽ چيو تہ ليکڪ جا لفظ پاڻ ۾ هڪ تحريڪ جو درجو رکن ٿا تقريب ۾ ٻين اديبن ۽ ڪارڪنن پڻ خطاب ڪيو. آخر ۾ عوامي پريس ڪلب جي عهديدارن ۽ سياسي سماجي شخصيتن طرفان ايوب شان ۽ فاطمہ مجيد کي اجرڪن جا تحفا ڏنا ويا. جڏهن تہ مقامي فنڪارن مهاڻن جي زندگيءَ تي ٻڌل روايتي گيت پڻ پيش ڪيا.

بقايا 02 ----

۽ عوام جي بهتري لاءِ ترقياتي ڪمن جي حوالي سان ڪارنر گڏجاڻيون ڪيون. جنهن ۾ يونين ڪائونسل جي صدور، جنرل سيڪريٽري يوسي چيئرمين وائيس ضلعي ڪائونسل ميمبرن ڪائونسلرن سميت پارٽي عهديدارن ورڪرن شرڪت ڪئي. ان موقعي پيپلزپارٽي تعلقي ڪنگري جي صدر پير سيد حسين شاهہ جيلاني ڪارنر گڏجاڻين ۾ ڳالهائيندي چيو تہ پيپلزپارٽي عوامي پارٽي آهي پيپلزپارٽي چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري ليڊيز ونگ جي مرڪزي اڳواڻ ايم پي اي محترم فريال ٽالپر ۽ پارٽي جي اعلي قيادت جي هدايتن تي تعلقي ڪنگري ۾ وارڊليول تي تنظيم سازي جوڙي رهيا آهيون تہ جيئن هر ننڍي وڏي شهرن ۽ ڳوٺن ۾ بنيادي سهولتون عوام جي دروازي تائين پهچائي سگهون. گذريل اليڪشن ۾ ڪنگري تعلقي مان پيپلزپارٽي جي اميدوارن کي 53000 هزار ووٽ ڏنا. اسان ووٽرن جا ٿورائتا آهيون ووٽرن جي خدمت ڪرڻ اسان جو فرض آهي تعلقي ڪنگري ۾ ڪروڙين رپين جي لاڳت جون اسڪيمون هلي رهيون آهن تہ پيپلزپارٽي عوامي خدمتن تي يقين رکي ٿي. ان موقعي تي انفارميشن سيڪريٽري جاويد شر پيپلز هاري ڪاميٽي سکر ڊويزن جي قائم مقام صدر دين محمد اڄڻ، پيپلزپارٽي يوٿ ونگ تعلقي

www.awamisoach.com
جمهوري سوچ جي ترجمان
ABC Certified
Daily AWAMI SOACH Karachi
روزاني عوامي سوچ ڪراچي
چيف ايڊيٽر حاجي محمد حنيف ميمڻ

نمائندا گهرجن

سنڌ جي نالي واري اخبار
مسلسل 15 سال کان شايع ٿيندڙ
روزاني عوامي سوچ ڪراچي
کي سنڌ جي ننڍن وڏن شهرن لاءِ نمائندن جي ضرورت آهي، صحافت سان دلچسپي رکندڙ اداري سان هيٺ ڏنل نمبر تي رابطو ڪري سگهن ٿا..
رابطي لاءِ: 03072308754

پريس ڪلب ڪنري جو سينيئر صحافي عبدالمجيدميمڻ ڪي رابطي واري ڪميٽي جو ميمبر مقرر

عبدالمجيدميمڻ ڪي سنڌ جي داخلا کاتي طرفان ٺهيل عوامي رابطي واري ڪميٽي جو ميمبر مقرر ڪيو ويو

سيني ضلعن ۾ سماجي برائين خلاف بهترين شخصيتن تي ٻڌل عوامي رابطي واري ڪميٽي قائم ڪئي وئي

رابطي واري ڪميٽي قائم ڪئي وئي آهي، جنهن جو باقاعده نوٽيفڪيشن ڊپٽي ڪمشنر پاران جاري ڪيو ويو

عمرڪوٽ (محمد بچل) پريس ڪلب ڪنري جي سينيئر صحافي عبدالمجيدميمڻ ڪي سنڌ جي داخلا کاتي طرفان ٺهيل عوامي رابطي واري ڪميٽي جو ميمبر مقرر ڪيو ويو سنڌ جي داخلا کاتي طرفان سنڌ جي سيني ضلعن ۾ سماجي برائين خلاف بهترين شخصيتن تي ٻڌل عوامي رابطي واري ڪميٽي قائم ڪئي وئي آهي، جنهن جو باقاعده نوٽيفڪيشن ڊپٽي ڪمشنر پاران /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 13

غلام الله لڳ سومار هوٽل تي عاشق حسين زرداري جي اعزاز ۾ شاندار آجياڻو منعقد، اڳواڻن جي شرڪت

عبدالحميد پنهور سميت پيپلزپارٽي جي اڳواڻن، معزز شخصيتن ۽ ڪارڪنن وڏي تعداد ۾ شرڪت ڪئي

پ پ عوامي خدمت جو پيو نالو آهي، قيادت چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري ۽ آصف علي زرداري ڪري رهيا آهن

صوبائي وزير حاجي علي حسن زرداري علائقي جي عوام لاءِ جيڪي ترقياتي ڪم ڪرايا آهن، سي مثالي آهن

غلام الله (بابو جان هنگورجو) غلام الله لڳ سومار هوٽل تي پاڪستان پيپلزپارٽي جي نوجوان اڳواڻ عاشق حسين زرداري جي اعزاز ۾ شاندار آجياڻو منعقد ڪيو ويو، جنهن جو اهتمام پيپلزپارٽي جي اڳواڻ ۽ چيف آف ڪلمت سردار محمد رمضان خان ملڪاڻي ڪيو. تقريب ۾ چيئرمين ضلعي ڪائونسل ٺٽو عبدالحميد پنهور سميت پيپلزپارٽي جي اڳواڻن، معزز شخصيتن /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 15

غلام الله لڳ سومار هوٽل تي عاشق حسين زرداري جي اعزاز ۾ شاندار آجياڻو منعقد آهي

سڄيون جي ڪچي ۾ متاهين درجي جي ٻوڏ سبب ڪنڌياري جو سمورو ڪچو پاڻي هيٺ اچي ويو

سڄيون (رپورٽر) سڄيون جي ڪچي ۾ متاهين درجي جي ٻوڏي سبب تعلقو سوڀوديرو ڏوڪري ۽ ڪنڌياري جو سمورو ڪچو پاڻي هيٺ اچي ويو جنهن سبب ڪچي اندر هزارين ڳوٺ پاڻي هيٺ اچي ويا ٻوڏ اندر ڦاٿل ماڻهن کي ريسڪيو ڪرڻ لاءِ ضلعي انتظاميا ڪو به تحرڪ نه ورتو رپورٽ موجب. گڏو ۽ سکر بئراج تي پاڻي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 16

جهمپير شهر واسي سولنگي برادري جي اڳواڻ محمد هاشم پاران رياض حسين شاهه سان ملاقات

محمد جاڪرو، بلوچ، ٻارڇ ۽ ٻين رهواسين جا گهر ۽ ڳوٺ برساتي پاڻي جي گهيري ۾ اچي ويا آهن: محمد هاشم

پاڻي نه نڪرڻ ڪري هو سخت پريشان آهن جڏهن ته ڪيترن ئي پورهيتن جا ڪچا گهر ڍهي پٽ پئجي ويا آهن

جماعت قاسميه ضلعي ٺٽي جي صدر فقير عبدالواحد بروهي جماعت جي فقيرن سان گڏ شيرازي هائوس تي ملاقات ڪئي

ٺٽو (واحدشورو) صوبائي وزير ۽ فوڪل پرسن جو سنڌو درياءَ جي مختلف بچاءُ بندن جو دورو. صورتحال جو جائزو _ صوبائي وزير ۽ فوڪل پرسن فلڊ ايمرجنسي ڪوٽڙي بئراج ڊائون اسٽريم سيد رياض حسين شاهه شيرازي فقير ڳوٺ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 19

جهمپير شهرواسي سولنگي برادري جي اڳواڻ محمد هاشم پاران رياض حسين شاهه سان ملاقات ڪئي وئي آهي

خانپور مهر جي ويجهو ڳوٺ حبيب الرحمان منگريو ۾ ميلاد النبي ﷺ جي تقريب منعقد

خانپور مهر (رپورٽر) خانپور مهر جي ويجهو ڳوٺ حبيب الرحمان منگريو ۾ ميلاد النبي ﷺ وڏي جوش ۽ جذبي سان ملهائيو ويو رپورٽ موجب خانپور مهر جي ويجهو ڳوٺ حبيب الرحمان منگريو ۾ هر سال وانگر هن سال به آقا ﷺ جهان، نبي ڪريم ﷺ جو ميلاد وڏي جوش ۽ جذبي سان ملهائيو ويو ميلادِ مصطفٰے ﷺ ۾ سڀ عاشقان رسول /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 20

ميرپور ماٿيلو ڪولاچي برادري جي معزز شخصيت ظفر خان ڪولاچي ڪراچي ۾ فوت ٿي ويو

ڪجهه ڏينهن بيمار رهڻ بعد ڪراچي جي آغا خان اسپتال ۾ هن فاني جهان مان لاڏاڻو ڪري ويو

ظفر خان ڪاليج جي دور ۾ سرگرم قوم پرست اڳواڻ پڻ رهيو هيو، جنازي نماز ڳوٺ چاڪر خان ۾ ادا

ميرپور ماٿيلو (رپورٽر) ميرپور ماٿيلو ڪولاچي برادري جي معزز شخصيت وڏيرو ظفر خان ڪولاچي ڪراچي جي آغا خان اسپتال ۾ لاڏاڻو ڪري ويو تفصيل موجب ميرپور ماٿيلو ويجهو ڳوٺ چاڪر خان ڪولاچي جو رهواسي ڪولاچي برادري جي معزز شخصيت وڏيرو ظفر خان ڪولاچي ڪجهه ڏينهن بيمار رهڻ بعد ڪراچي جي آغا خان اسپتال ۾ هن فاني جهان مان لاڏاڻو ڪري ويو /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 23

اسٽيل ملز تباهه ٿيڻ بعد ملازم عبرت جو نشان، اسٽيل ٽائون جي بجلي، پاڻي ۽ گيس بند،

پاڪستان اسٽيل ملز جي برطرف ڪيل 8 هزار ملازمن حڪومت ۽ انتظاميا خلاف فيصلي ڪن جدوجهد جو اعلان

اسٽيل ملز جي برطرف ڪيل 8 هزار ملازمن حڪومت ۽ انتظاميا خلاف فيصلي ڪن جدوجهد جو اعلان ڪري ڇڏيو

رحمان شاهه، الهوايو ٻگهيو، گاگن داس، جاويد احمد شيخ، ادريس چانڊيو، عبدالحق چنا، ولي ناريجو ايڊووڪيٽ شريڪ

بن قاسم (رپورٽر) اسٽيل ملز تباهه ٿيڻ بعد ملازم عبرت جو نشان، اسٽيل ٽائون جي بجلي، پاڻي ۽ گيس بند، جبري برطرف ڪيل ملازمن کي اجان ٽائين رهڻون نه مليو، پاڪستان اسٽيل ملز جي برطرف ڪيل 8 هزار ملازمن حڪومت ۽ انتظاميا خلاف فيصلي ڪن جدوجهد جو اعلان ڪري ڇڏيو. ملازمن طرفان ٽئون اتحاد پاڪ اسٽيل جدوجهد اتحاد جوڙي شروعات آل پارٽيز ڪانفرنس /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 25

سنڌي ادبي سنگت شاخ ڏوڪري جي دستوري گڏجاڻي نوجوان اديب علي پٺاڻ جي صدارت هيٺ منعقد

سيڪريٽري ياسر منگي هلائي. گڏجاڻيءَ ۾ ادل سولنگي، عيسي ميمڻ، فلڪ ڀٽ ۽ قربان جتوئي شريڪ ٿيا

ساس اجلاس ۾ ضلعي لاڙڪاڻي جي اندر بگڙجندڙ امن امان جي صورتحال تي تفصيلي بحث ڪيو ويو آهي

ادارن جي ڪارڪردگيءَ ڪي موثر بڻائي، ڏوهن جي روڪٿام لاءِ عملي اپاءَ وٺي ۽ عوام ۾ اعتماد بحال ڪيو وڃي

ڏوڪري (رپورٽر) سنڌي ادبي سنگت شاخ ڏوڪري جي هفتيوار دستوري گڏجاڻي نوجوان اديب علي پٺاڻ جي صدارت هيٺ تي گذري، جنهن جي ڪارروائي شاخ جي سيڪريٽري ياسر منگي هلائي. گڏجاڻيءَ ۾ ادل سولنگي، عيسي ميمڻ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 26

سنڌي ادبي سنگت شاخ ڏوڪري جي دستوري گڏجاڻي نوجوان اديب علي پٺاڻ جي صدارت هيٺ منعقد آهي

سکر جي رهواسڻ شازيا جمالي پاران پنهنجي 5 ورهين جي پٽ سان گڏجي احتجاجي مظاهرو

ڪنڌڪوٽ (رپورٽر) ڪنڌڪوٽ سکر جي رهواسڻ شازيا جمالي پنهنجي پنج ورهين جي پٽ عزيزجمالي سان گڏ جي تحفظ لاءِ ميڊيا سان ڳالهيندي چيو ته مان پنهنجي مرضي سان گهران نڪتي آهيان نه ئي مان ڪي ڪنهن ورغلايو ۽ نه ئي ڪنهن شادي ڪئي آهي ۽ مان گم نام واري زندگي گذاري رهي آهيان هن چيو ته مان پنهنجي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 27

ٽنڊوآدم قتل، پوليس مقابلي، اقدامِ قتل، ڌاڙي، جعلي چيڪ ڏيندڙ گهربل 06 روپوش گرفتار

عابد علي بلوچ جي حڪم تي ڏوهارين ۽ روپوشن خلاف جاري ڪاروائن جي سلسلي ۾ ڪارروايون

اسد نواز خاصخيلي، اقدامِ قتل ۽ پوليس مقابلي جي ڪيسن ۾ روپوش جوابدار غلام نبي عرف ڪارُو گرفتار

ايس ايچ او بي سيڪشن محمد حنيف مهر، بجلي چوري جي ڪيس ۾ روپوش جوابدار رياض احمد چاڪراڻي کي گرفتار

ٽنڊوآدم (مشتاق مينگل) ٽنڊوآدم قتل، پوليس مقابلي، اقدامِ قتل، ڌاڙي، جعلي چيڪ ڏيڻ ۽ بجلي چوري جي مختلف ڪيسن ۾ گهربل 06 روپوش گرفتار، هڪ ٽي ٽي پسٽل هٿ تفصيل موجب ايس ايس پي سانگهڙ عابد علي بلوچ جي حڪم تي ڏوهارين ۽ روپوشن خلاف جاري ڪاروائن جي سلسلي ۾ ايس ايچ او بيراني اسد نواز خاصخيلي، اقدامِ قتل ۽ پوليس مقابلي جي ڪيسن /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 30

سامي فائونڊيشن پاران بدين ۾ آواز ٹو پروجيڪٽ تحت جي بي وي بابت ڊائيلاگ منعقد

پروجيڪٽ تحت ٽي يونين ڪائونسلن: سيراني، ڪڏي ڪازيا ۽ پير فتح شاهه ۾ تقريب منعقد ٿي

ڳوٺاڻي فورمن جي سهڪار سان جي بي وي جا مسئلا گڏيل طريقي سان حل ڪري سگهجن ٿا: سماجي اڳواڻ

ڪيئر پاڪستان، روزان ۽ ليگل ايڊ سوسائٽي سان گڏجي ڪم ڪندي مشڪلاتن کي قانوني شڪل ڏئي سگهجي ٿي

بدين (رجب راهمون) سامي فائونڊيشن پاران ضلع بدين ۾ آواز ٹو پروجيڪٽ تحت جي بي وي (GBV) بابت ڳوٺاڻي فورم ڊائيلاگ جو انعقاد بدين، سيپٽمبر 2025 – سامي فائونڊيشن بدين، ڪيئر پاڪستان جي سهڪار سان آواز II پروجيڪٽ تحت ٽي يونين ڪائونسلن: سيراني، ڪڏي ڪازيا ۽ پيرفتح شاهه ۾ 15 ڳوٺن اندر جي بي وي (Gender_Based Violence) /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 31

سامي فائونڊيشن پاران بدين ۾ آواز ٹو پروجيڪٽ تحت جي بي وي بابت ڊائيلاگ منعقد آهي

درگاهه حضرت ڏاڏا سنبڪ سوائي مور مبارڪ جو عرس مبارڪ ميلو 20 سيپٽمبر تي ملهايو ويندو

ٺٽو (واحدشورو) درگاهه حضرت ڏاڏا سنبڪ سوائي مور مبارڪ جو ساليانو عرس مبارڪ ميلو تاريخ 20 سيپٽمبر بمطابق 26 ربيع الاول ڇنڇر جي شام آچر جي رات بلوچستان لڳ ڪنڊ جهنگ سندس آخري آرام گاهه تي نهايت عقيدت ۽ احترام سان ملهايو پيو وڃي. جنهن ۾ مولودن جي محفل سميت مولوي مير حسن بوهڙ جن وعظ ڪرڻ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 32

صوبائي وزير سيد سردار علي شاهه جو ياءُ زخمي واپاري جي عيادت لاءِ اسپتال پهچي ويو

سيد سرفرازعلي شاهه طرفان ترت نوٽيس وٺڻ بعد واقعي ۾ ملوث 3 جوابدار گرفتار ڪيا ويا

واپاري طبقي سميت سمورن شهرين جو تحفظ ڪرڻ پنهنجو فرض سمجهون ٿا: سيد سرفرازعلي

عمرڪوٽ (محمد بچل پٿورو) صوبائي وزير سيد سردارعلي شاهه جا ياءُ زخمي واپاري جي عيادت لاءِ اسپتال پهچي ويا اڳوڻي ايم ايس تعلقو پٿورو ڊاڪٽر ڪرشن لال جي نندي ياءُ سيٺ گووند ڪتري تي ٿيل حملي جو صوبائي وزير /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 14

صوبائي وزير سيد سردار علي شاهه جو ياءُ زخمي واپاري جي عيادت لاءِ اسپتال پهچي ويو آهي

پٿورو ۾ ڌاڙي جي ڪوشش دوران مزاحمت تي گهر ڌڻي زخمي، جوابدار سپاهي نڪتو

گوبند ڪتري کي ڇرين جا وار ڪري زخمي ڪندڙ مک جوابدار پٿورو پوليس جو سپاهي نڪتو

پڪڙيل ملزم صديق ماڇي پاران پوليس اهلڪار جي مک جوابدار طور نشاندهي ڪئي وئي آهي: ذريعا

پٿورو (علي شيرشر) پٿورو شهر ۾ گهر ۾ ڌاڙي جي ڪوشش دوران مزاحمت تي گهر ڌڻي گووند ڪتري کي ڇرين جا وار ڪري زخمي ڪندڙ مک جوابدار پٿورو پوليس جو سپاهي نڪتو. پٿورو: ملزم اعجاز سميجو ڊي ايس پي پٿورو جو گن مين /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 17

ٽنڊوآدم چانهيا پاڙي جي 7سالن جي نينگري سان مبينا زيادتي ڪندڙ جوابدار گرفتار

ڪيس داخل ڪري جوابدار سعود ڏيرو کي پوليس گرفتار ڪري لاڪ اپ ڪري ڇڏيو

نينگري کي ميڊيڪل چيڪ اپ ڪرائڻ لاءِ پوليس ليٽر جاري ڪري اسپتال منتقل ڪيو

ٽنڊوآدم (مشتاق مينگل) ٽنڊوآدم چانهيا پاڙي جي 7سالن جي معصوم نينگري سان مبينا زيادتي ڪندڙ جوابدار سعود ڏيرو گرفتار تفصيل موجب /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 18

ميرپور ساڪرو واسي گهر جو اڪيلو ڪمائيندڙ ماهيگير علي محمد خاصخيلي ٻڏي فوت ٿي ويو

علي محمد سمنڊ اندر هوڙي تي مڇي جو شڪار ڪندي اوچتو هوڙي تان سمنڊ ۾ ڪري ٻڏي فوت ٿي ويو

علي محمد خاصخيلي جي خاندان جي پوئيواري ڪري بک ۽ بدحالي کان بچائي انهن جي مالي مدد ڪئي وڃي

ٺٽو (واحدشورو) ميرپور ساڪرو واسي گهر جو اڪيلو ڪمائيندڙ ماهيگير علي محمد خاصخيلي سمنڊ اندر هوڙي تي مڇي جو شڪار ڪندي اوچتو هوڙي تان سمنڊ ۾ ڪري ٻڏي فوت ٿي ويو، جنهن جو لاش مقامي ماهيگيرن سمنڊ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 21

سنڌ ايمپلائيز الائنس ميرپورخاص ڊويزن جي صدر پاران مطالبن جي مڃتا لاءِ احتجاج

تالا بندي ڪري قلم ڇڏ هڙتال ڪرڻ سميت ملازم ريلي ڪڍي ڌرڻو هڻڻ جو اعلان ڪري ڇڏيو

آل سنڌ ايمپلائيز الائنس جو مرڪزي چيئرمين محمد اشرف خاصخيلي ۽ ٻيا مرڪزي اڳواڻ خطاب ڪندا

ميرپورخاص (سومارسميجو) سنڌ ايمپلائيز الائنس ميرپورخاص ڊويزن جي صدر گل حسن لاشاري سميت ٻين اڳواڻن سٽي پريس ڪلب پهچي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 22

سنڌ ايمپلائيز الائنس ميرپورخاص ڊويزن جي صدر پاران مطالبن جي مڃتا لاءِ احتجاج جو ڏيک

يوسي چليا جي ڳوٺ اوپايو جاڪرو جي ڪيترن ئي برسات متاثرين پاران احتجاجي مظاهرو

تازو پيل برساتن سندن ڳوٺ ۾ ڪيترن ئي پورهيتن جا گهر ڊاهي پٽ ڪري ڇڏيا آهن: مظاهرين

وٺاڻ مڪمل طور تي پاڻي جي گهيري ۾ هجڻ سان گڏ اسڪول، مسجد ۽ ڳوٺ جو رستو به پاڻي هيٺ آهي

ٺٽو (واحدشورو) يوسي چليا جي ڳوٺ اوپايو جاڪرو جي ڪيترن ئي برسات متاثرين مهرعلي جاڪرو هارون جاڪرو، ميرمحمد جاڪرو ۽ ٻين ڏانهيندي چيو آهي ته تازو پيل برساتن سندن ڳوٺ ۾ ڪيترن ئي پورهيتن جا گهر ڊاهي پٽ ڪري ڇڏيا آهن /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 24

ٺٽو: يوسي چليا جي ڳوٺ اوپايو جاڪرو جي ڪيترن ئي برسات متاثرين پاران احتجاجي مظاهري جو ڏيک

شادي پلي پراڻي شادي پلي ساماروشهرننڍن وڏن اسٽاپن تي اٽو مهانگو ٿي ويو

مهانگي گوشت 8 کان 9 سو رپيا ڪلو هلي رهيو آهي گوار 450 رپيا ڪلو هلي رهي آهي

عوام ڪي انهن آفيسرن مان اميدون رکجن ايسي سامارو ۽ مختيار ڪار ۽ اسان جا سياسي نمائندہ ڪٿي آهن

عمرڪوٽ (محمد بچل پٿورو) شادي پلي پراڻي شادي پلي سامارو شهرننڍن وڏن اسٽاپن تي اٽو مهانگو ٿيو بصر ٽماٽو به مهانگو سائي ڀاڄي مهانگي گوشت 8 کان 9 سو رپيا ڪلو هلي رهيو آهي گوار 450 رپيا ڪلو هلي رهي آهي عوام /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 28

محرابپور جي رهائشي الله مهر ملڪ ۽ ملڪ برادري سان گڏ احتجاجي مظاهرو، نوٽيس جي گهر

ان 30 آگسٽ تي ميڊيا بعد اعلا عهديدارن کي رجسٽرڊ ڊاڪ سان شڪايتون موڪليون: مظاهرين

اي ايس آءِ حنيف ملڪ فون تي ڪيس ۾ نامزد جوابدارن سان فيصلو ڪرڻ تي مجبور ڪيو آهي

محرابپور (رپورٽر) محرابپور جي رهائشي الله مهر ملڪ ۽ ملڪ برادري سان گڏ احتجاج بعد پريس ڪانفرنس ڪندي ٻڌايو ته 18 آگسٽ تي نيو ٽائون ۾ لياقت ملڪ ساجد ملڪ عرف ساجن ملڪ عادل ملڪ نديم ملڪ عرف بلا پنهنجي ساٿين /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 29


محرابپور جي رهائشي الله مهر ملڪ ۽ ملڪ برادري سان گڏ احتجاجي مظاهري جو ڏيک

ٺل ۾ ٻرڙا برادري پاران پوليس ۽ بااثر ماڻهن جي مبينا ناجائزين خلاف احتجاجي مظاهرو

پوليس بناجواز سندن چار ڄڻن کي ڪوڙي قتل ڪيس ۾ گرفتار ڪيو آهي: ٻرڙا برادري

جيڪڏهن سندن مطالبا نه مڃيا ويا ته احتجاج جو سلسلو جاري رهندو: ميڊيا سان ڳالهيون

ٺل (رپورٽر) ٺل ۾ ٻرڙا برادري پاران پوليس ۽ بااثر ماڻهن جي مبينا ناجائزين خلاف احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو. مظاهرين جي اڳواڻي نظير احمد ٻرڙو، علي حسن ٻرڙو ۽ اسدالله ٻرڙو ڪئي، هنن الزام هنيو ته پوليس بناجواز سندن چار ڄڻن کي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 33

ٺل شاخ پاران گورنمينٽ بوائز هاءِ اسڪول عبدالقادر شاهه ۾ جشن آمد رسول ﷺ تقريب منعقد

مديني جي مير محبوب مصطفي صلي الله عليه وآله وسلم جي ظهور پرنور جي سلسلي ۾ تقريب ٿي

اسڪول جي شاگردن ۾ مقابلہ حسن قرات ، حمد و نعت جو پروگرام ٿي گذريو، ڪيترن ئي شاگردن حصو ورتو

سگا (رپورٽر) ٺل شاخ پاران گورنمينٽ بوائز هاءِ اسڪول عبدالقادر شاهه ٺل ۾ پلاري مهيني ماهه ربيع الاول ۾ ٻنهي جهانن جي سردار، اڙين جي آڌار، مديني جي مير محبوب مصطفي صلي الله عليه وآله وسلم جي ظهور پرنور جي سلسلي ۾ اسڪول /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 34

سامونڊي پٽي جي نالي واري سماج سڌارڪ، ليکڪ ۽ شاعر ايوب شان خاصخيلي جي نئين ڪتاب جي تقريب

چيئرپرسن سميت اديبن، دانشورن، سماج سڌارڪن ۽ سياسي سماجي ڪارڪنن جي وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي

سماجي ڪارڪنن جو استاد آهي مهاڻن جي زندگيءَ جي مشڪلاتن، اهنجن ۽ جدوجهدن کي پڌرو ڪن ٿيون: فاطمه مجيد

خدا ڏنو شاهه، ايوب شان، سعيد بلوچ، يونس خاصخيلي، طالب ڪچي، غلام نبي مگسي، سليم جي ميمڻ، مجيد موٽاڻي شريڪ

مليرا (رپورٽر) سامونڊي پٽي جي نالي واري سماج سڌارڪ، ليکڪ ۽ شاعر ايوب شان خاصخيلي جي نئين ڪتاب ماهيگر اور سوشل موومنٽ جي پروقار مهورتي تقريب، فشرمين ڪوآپريٽو سوسائٽي جي چيئرپرسن سميت اديبن، دانشورن، سماج سڌارڪن ۽ سياسي سماجي ڪارڪنن جي وڏي انگ ۾ شرڪت، زبردست پيتا پيش. ايوب شان نه صرف منهنجو پر ابراهيم حيدري ۽ ڪراچي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 01

پيپلزپارٽي تعلقي ڪنگري جي صدر پير سيد حسين شاهه جيلاني پاران تنظيم سازي لاءِ دورا

ڪولاب جيئل ،لال بخش ڪانڌڙو ،وڏا مهيسر، پير بادل يونين ڪائونسل ۾ تنظيم سازي لاءِ يوسين جو دورو

عهديدارن لاءِ فارم ڀرڻ ۽ جمع ڪرائڻ ۽ عوام جي بهتري لاءِ ترقياتي ڪمن جي حوالي سان ڪارنر گڏجاڻيون ڪيون

پارٽي جي اعلي قيادت جي هدايتن تي تعلقي ڪنگري ۾ وارڊ ليول تي تنظيم سازي جوڙي رهيا آهيون : ميڊيا سان ڳالهيون

احمدپور (رپورٽر) پيپلزپارٽي تعلقي ڪنگري جي صدر پير سيد حسين شاهه جيلاني،جنرل سيڪريٽري سيد روشن علي شاهه بخاري ڪنگري تعلقي جي ڊرب ميهر شاهه ،ڪولاب جيئل ،لال بخش ڪانڌڙو ،وڏا مهيسر، پير بادل يونين ڪائونسل ۾ تنظيم سازي لاءِ يوسين، ٽائون ڪاميٽي ۽ وارڊن ۾ تنظيم کي وڌيڪ مضبوط بڻائڻ لاءِ پارٽي عهديدارن لاءِ فارم ڀرڻ ۽ جمع /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 02

پيپلزپارٽي تعلقي ڪنگري جي صدر پير سيد حسين شاهه جيلاني پاران تنظيم سازي لاءِ دورا ڪيا آهن

سڄيون لڳ ڳوٺ رسول بخش هيسباڻي جي گورنمنٽ پرائمري اسڪول ۾ 12 ربيع اول جي تقريب منعقد

سڄيون (رپورٽر) سڄيون لڳ ڳوٺ رسول بخش هيسباڻي جي گورنمنٽ پرائمري اسڪول ۾ 12ربيع اول جشن عيد ميلاد نبي صلي الله عليه واله وسلم جو شاندار پروگرام ٿي گذريو پروگرام جي شروعات تلاوت ڪلام پاڪ سان ڪئي وئي جنهن کان پوءِ اسڪول جي شاگردن ۽ شاگرديائين کي سيرت نبوي صلي الله عليه وسلم تي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 03

ناجيه شاگرد تنظيم "نشاط" جماعت لواري شريف يونٽ خانصاحب عبدالرحمن پاران تقريب

دستار فضيلت جي شاندار محفل زير صدارت مرڪزي صدر ناجيا شاگرد تنظيم نشات جماعت پاران منعقد

مولانا مفتي محمد دائود جت نعيمي ۽ حضرت علامہ و مولانا حبيب الله جت نعيمي جن خصوصي خطاب ڪيو

عبدالرحمان جي عهديدارن ۽ ڪارڪنن بهترين طريقي سان سرانجام ڏنو لواري شريف جي دستوري دعا پڙهي وئي

بدين (رجب راهمون) ناجيه شاگرد تنظيم "نشات" جماعت لواري شريف يونٽ خانصاحب عبدالرحمن ضلع بدين طرفان "جشن عيد ميلادالنبي ﷺ" ۽ دستار فضيلت جي شاندار محفل زير صدارت مرڪزي صدر ناجيا شاگرد تنظيم /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 04

ناجيه شاگرد تنظيم "نشات" جماعت لواري شريف يونٽ خانصاحب عبدالرحمن پاران تقريب منعقد آهي

متياري ۾ اوڏ برادري جي روحاني بزرگ سنت صوپارام اوڏ جي 26 ساليانو ورسي ملهائي وئي

متياري (رپورٽر) متياري ۾ اوڏ برادري جي روحاني بزرگ سنت صوپارام اوڏ جي 26 ساليانو ورسي وڏي عقيدت ۽ احترام سان ملهائي وئي. جنهن ۾ سنڌ جي ڪنڊ ڪڙڇ مان زائرين ۽ اوڏ برادري جي ماڻهن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي. ورسي جي موقعي تي مذهبي رسمن سان گڏ ثقافتي ۽ سماجي رنگ پڻ نمايان /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 05

ميرپور ماٿيلو انتظاميہ جا دعوا سوشل ميڊيا تائين محدود، ڪچي ۾ ڦاٿل ٻي يارو مددگار ٻٽيل

پاڻي جي چاڙهه بعد ڪچي جو پڪي جي شهرن سان زميني رابطو مڪمل طور تي ڪٽجي ويو آهي

ضلعي انتظاميہ ٻوڏ متاثرن کي رليف فراهم ڪرڻ بجاءِ صرف سوشل ميڊيا تائين محدود آهي: ذريعا

ميرپور ماٿيلو (رپورٽر) ميرپور ماٿيلو ضلعي انتظاميہ جا دعوا سوشل ميڊيا تائين محدود ڪچي ۾ ڦاٿل هزارين ماڻهون بي يارو مددگار ٻٽيل پنهنجي مدد پاڻ تحت محفوظ هنڌن ڏانهن منتقلي جاري ضلعي انتظاميہ ٻوڏ متاثرن کي رليف فراهم ڪرڻ ۾ مڪمل طور تي ناڪام ڪچي جي رهواسين جون ميڊيا آڏو دانهون سنڌ حڪومت کان مدد جي اپيل تفصيل موجب سنڌو درياهه /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 06

امن مارچ ڪاروان جو قافلو خانپور پهتو، خانپور بس اسٽان تي جي يو آءِ پاران شاندار آجيان

امير مولانا عنايت الله بروهي جي يو تعلقي خانپور جو انفارماشن سڪريٽري سيف اڪبر آرائين پهتا

مولانا راشد محمود سومرو ۽ اڳواڻن جا شڪر گزار آهيون امن خاطر نڪتا آهن اسان ان سان گڏ آهيون: اڳواڻ

سنڌ ۾ بدامني ڪرپشن خلاف نڪتا آهيون جي يو امن مارچ ڪاروان 18 سيپٽمبر جي تاريخ تي ڪراچي پهچندو

جيڪب آباد (رپورٽر) سنڌ امن ڪاروان اڄ کان شروع، وڏا امن ڌرڻا لڳندا. خبر موجب جمعيت علماءِ اسلام سنڌ جي طرفان اڄ 14سيپٽمبر کان سنڌ امن ڪاروان جي شروعات ٿيندي.ان ڏينهن ڪاروان صبح جو ڪنڌڪوٽ مان روانو ٿيندو.ڏينهن جو ٻه وڳي شڪارپور ۾ اجتماع ٿيندو ۽ مغرب بعد سکر ۾ وڏو امن جلسو منعقد ڪيو ويندو.جنهن ۾ هزارين ڪارڪن شرڪت ڪندا /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 07

ميرپور ماٿيلو سميت گهوٽڪي جي شهرن ۾ دوڪاندارن اٽي جي في ڪلو تي 60 روپيا اضافو ٿي ويو

اٽي جي في ڪلو تي پنجاهه کان 60 روپيو اضافو ڪري ڇڏيو ڏهاڙي دار مزدور طبقي جا ٻئي هٿ مٿي تي ويا

منافع خور دوڪاندارن پنجاهه روپيو ۽ ڀهراڙي جي دوڪاندارن 60 روپيو ڪلو تي اضافو ڪري ڇڏيو آهي: شهري

اسسٽنٽ ڪمشنر ميرپور ماٿيلو ڏهرڪي اوٻاوڙو ۽ ڊپٽي ڪمشنر گهوٽڪي عوامي مسئلن کان لاتعلق ٻٽيل آهن

ميرپور ماٿيلو (رپورٽر) ميرپور ماٿيلو سميت گهوٽڪي جي شهرن ۾ دوڪاندارن اٽي جي في ڪلو تي پنجاهه کان 60 روپيو اضافو ڪري ڇڏيو ڏهاڙي دار مزدور طبقي جا ٻئي هٿ مٿي تي ويا شهرين جو احتجاجي مظاهرو ڊرٽو ضلعي انتظاميہ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 08

ميرپور ماٿيلو: شهري اٽي جي مهانگي اڳهه خلاف احتجاج ڪندي

سنڌ ۾ وڌندڙ بدامني، قبائلي دهشتگردي، ڀتاخوري، ڌاڙيل راڄ خلاف امن ڪاروان جو آغاز

ڪنڌڪوٽ (رپورٽر) ڪنڌڪوٽ ڪشمور ضلعي سميت سنڌ ۾ وڌندڙ بدامني، قبائلي دهشتگردي، ڀتاخوري، ڌاڙيل راڄ خلاف جمعيت علماءِ اسلام پاران سنڌ امن ڪاروان جو ڪنڌڪوٽ مان شروعات امن لاءِ سوين ڪارڪنن جو جلسو امن امان جي بحالي ۽ سنڌ ۾ قانون جي حڪمراني لاءِ 18 سيپٽمبر تي وزيراعليٰ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 09

ڏوڪري تعلقي جي يونين ڪائونسل ڳجهڙ ڪيترن ئي مسئلن جي ورچڙهيل، بيمارين منهن ڪڍيو

ڳوٺ فيض محمد ڪوکر، بدل سمون، بابل جروار، منڌرا، دريا خان مگريو، محمد چٽل ابڙو ۾ صفائي نه ٿي

نور آباد سميت مختلف ڳوٺن ۾ صفائي سترائي نه ٿي سگهي آهي، ڳوٺن ۾ گندگي جا ڍير لڳي ويا آهن

صفائي سترائي نه ٿيڻ ڪري نالين جو گندو پاڻي روڊن رستن تي بيهجي ويو، ڳوٺاڻا پريشانين ۾ مبتلا ٿي ويا

ڏوڪري (رپورٽر) ڏوڪري تعلقي جي يونين ڪائونسل ڳجهڙ ڪيترن ئي مسئلن جي ورچڙهيل، صفائي سترائي سميت مڇرمار اسپري نه ٿي سگهي مڇرن جي ڪري ڳوٺن ۾ مليريا گيسٽرو سميت ڪيترين ئي بيمارين منهن ڪڍيو ڳوٺاڻا پريشان يوسي چيئرمين آفيس ۾ ويهڻ بدران گهر ۾ ڪاروهنوار هلائڻ لڳو تفصيل موجب ڏوڪري تعلقي جي يونين ڪائونسل /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 10

ڪيٽي بندر ڳوٺ حاجي اسماعيل ڪاتيار آترڪي ۾ موجود گورنمنٽ گرلس پرائمري اسڪول مڪمل نه ٿيو

گورنمنٽ گرلس پرائمري اسڪول بلڊنگ اڃا تائين اڌوري هجڻ سبب نياڻيون تعليم کان محروم ٿي رهيون آهن

سڄي تعلقي ڪاروڇاڻ جون درجنين نياڻيون ڪليل آسمان هيٺ يا پري وارن ڳوٺن ڏانهن وڃڻ تي مجبور آهن: رهواسي

شڪايتون ڪرڻ ۽ درخواستون ڏيڻ باوجود تعليم کاتي ۽ ٺيڪيدارن جي لاپرواهي سبب منصوبي کي مڪمل نٿو ڪيو وڃي

ڪيٽي بندر (خليفو قادر عثمان) ڳوٺ حاجي اسماعيل ڪاتيار آترڪي ۾ موجود گورنمنٽ گرلس پرائمري اسڪول (سيمس ڪوڊ 404040022) جي بلڊنگ اڃا تائين اڌوري هجڻ سبب علائقي جون نياڻيون تعليم کان محروم ٿي رهيون آهن مقامي رهواسين موجب سال 2008ع ۾ اسڪول جي ڪچي بلڊنگ دريا ڳڙڪائي ڇڏي جنهن کان پوءِ 2010ع ۾ گورنمينٽ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 11

ڪيٽي بندر ڳوٺ حاجي اسماعيل ڪاتيار آترڪي ۾ موجود گورنمنٽ گرلس پرائمري اسڪول مڪمل نه ٿيو آهي

ڪنڌيارو پوليس جو ڪارروايون، چوري جي ڪيس ۾ گهربل هڪ جوابدار سميت 3 گرفتار

ڪنڌيارو (رپورٽر) ڪنڌيارو پوليس جو ڪارروايون ڪنڌيارو پوليس مختلف هنڌن تي ڪارروائيون ڪري چوري جي ڪيس ۾ گهربل هڪ جوابدار سميت 03 جوابدارن کي گرفتار ڪري ورتو آهي گرفتار جوابدار خورشيد راڄپر کي ٻڪري چوري جي ڪيس ۾ گهربل سندس نشاندهي تي چوري ٿيل ٻڪرو به هٿ ڪيو ويو گرفتار /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 12